ڪتاب ڪنزاللغرائب ۾ بيبي سڪينه جي وفات جو هن طرح ذڪر ڪيل آهي ته امام حسين جي شهادت ڪان پوءِ آل رسول کي قيد ڪري ري ڪجاون اٺن تي چاڙهي امام زين العابدين عليه السلام کي قيد ڪري ڳرا زنجير وڌا ويا ۽ اٺن جي مهار ڏئي ۽ امام حسين عليه السلام ۽ ٻين شهيدن جا سر مبارڪ نيزن تي رکي قيدن جي اٺن اڳيان سوارڪري دمشق شهر جتي يزيد جو تخت گاهه هو اتي اچي اهلبيتن قيدن جو قافلو لاٿائون يزيد ملعون جي حڪم سان انهن سپني سيد زادين جو قافلو وڃي قيدخاني ۾ وڌائون جتي هو وڏن ڏکن ۽ عذابن ۾ پيا گذاريندا هئا بيبي سڪينه امام حسين عليه السلام جي ننيڙي صاحبزادي چهن ورهن جي امام جي سيني تي سمهڻ واري جنهنکي امام حسين تمام ڏاڍو پيار ڏيندو هو

امام حسين عليه السلام جي شهادت کان پوءِ پئ کي قيد خاني ۾ ڏاڍو سنپاريندي هئي ماءُ ۽ پڦيون دلاسا پيون ڏينديون هُيس پر رستي ۾ جو سر مبارک جو نيزي تي ڏسندي آئي ٿي سو پيُ کي ويتر وڌيک ياد ڪرڻ لڳي قيد خاني ۾ هڪڙِي رات پيُ کي ياد ڪندي پنهجي ماءُ بيبي بانو جي هنج ۾ ننڊ ڪٽي ويس خواب ۾ ٿي ڏسي ته سندس بابو امام حسين عليه السلام آيو اهي مگر ڳيچئ ۾ زخم اٿس جن مان رت پيو وهي ۽ انهي رت جي ڪري ڪپڙا لٿا سپ ڳاڙها لال اٿس ۽ ڏنائين ته بدن ۾ تير به لڳل آهن پيُ کي ڏسي ڊڪ ڪري وجي پاڪر پاتائينس ۽ پڇڻ لڳس ته بابا تنهجو حال اهڙو چو ٿيو آهي پائرن جو ڏاڍو پڇڻ لڳس علي اصغر جو وري وري پئي پڇيس اي بابا تون جو هيڏي لشڪر ڏٽي ڪڇهرن وارو هُئين ۽ پنهجي پٽن پائٽين پاٽيجن سان آيو هُئين اهي ڪاٽي چڏي آئين ادو علي اصغر جو تنهجي هنج هر پل هو سو ڪاٽي آهي ادو علي اڪبر جو هتي تونهان سان موجود هو سو ڪٿي آهي تونهان جو ادي قاسم جي ڪاج جو سايو ڪيو سو ڪٿي چڏي آيا آهيو ۽ اڪيلي سر چو آيا آهيو

مرثيه

هاءِ جڏهن اهل حرم هئا شام زندان اسير

چهن ورهن جي عمر بيبي سڪينه هئي صغير

ان کي بابس لاڏ سان پاليو هوحضرت شبير

هئي ابي جي ياد ۾ دلگيرباحال حقير

رات ڏيهن هڪڙو روئڻ پي سڪ ابي جي هيس سدا

هٿ کڻي هرهر ٿي چيائين بابي سان ملدم خدا

هڪڙي ڏينهن پنهجي امان بيبي کي هنج ۾ ان يتيم

سر رکي زانو ءَ تي ننڊ کا کدر سان ساعت کئي سقيم

جان ڏسي بيبي ته آيو با بو با شان عظيم

سربسر نوري الٰهي رحمت رب کريم

سر تي دستاري نبي سر خلعت شيري خدا

۾ سواري ذوالجناح صاحب براق مصطفٰي

لافتٰي الا علي فرزند صاحب ذوالفقار

ذوالفقار مرتضٰي انجي قمر تي قربدار

هٿ مشڪي سيب خوشبو منهن مبارک گل انار

۾ لباس سرخ ان جو باغ جنت جو بهار

ليڪ گهايل آهي ۾گهوڙو بهي سارو خون فشان

پر لهي گهوڙي تئون گهر ايو محمد ﷺ جو نشان

هاءِ هن صورت سڪينه جڏهن ڏنو بابي جو حال

سپ لڳن ۾ تير ڪاري رت پريو روشن جمال

چيائين بابا توسين چا ٿيو لعل ٿئين لوهوءَ ۾ لال

هاءِ بابا هاءِ بابا چيائين ۽ ٿي بيحوال

آءُ سندءِ صدقو سڪينه اي منهجا بابا حسين

تير ڪاري تن ۾ ڪاڻون ڪائي آئين يا حسين

هئين چئي بابي جي هنج ۾ ۽ چيائين هئي هئي ابا

هئي ابا هئي ابا تون هئين نه ويو هُئين ڪربلا

رت پريا ڪپڙا هُيوچو ڪنهن ڏڪائيه هئي قبا

تن ۾ اڳهين ڪين ها هي تيرڪاري ڪئين لڳا

اي منهجا گهايل ابا تون ڪر سڪينه سين بيان

تون نه اڳهين هنئين هوئين هي ڪهڙي صورت ٿي عيان

اي ابا توسين علي اڪبر بهي هو سو ڪاٿي آءِ

۽ علي اصغر بهي تنهجي هنج ۾ هو سو ڪاٿي آءِ

توجو قاسم گهوٽ جو ڪيو ڪاج سيعو ڪاٿي آءِ

چاچو عباس علي پاڻيءَ تئون نه آيو ڪاٿي آءِ

توسان هُئا زينب پڦيءَ جا پٽ به حاضر هم رڪاب

هُئين گهٽي لشڪر سان ويو ڪيئين هيڪلو آئين شتاب

ڳالهه

خواب ۾ بيبي سڪينه پنهجي پيءُ امام حسين عليه السلام
ڪان ننڊي وڌي جو پڇڻ لڳي وڌي ٿي عرض ڪري چويس

مرثيه

اڪبر اصغر کي سڏ ڪري چاچي کي چئه آءُ وري
گهوريو آءُ پاڻي نه پيندس مرُ وڃان اڄ سان مري
مون پڇر پاڻيءَ چڙي روءِ عمر پيالي پري
مون اباڻن ريءَ نه سرندي سِرُ وڃي تان پڻ سري
منهجو سر صدقو ابا تون سر سلامت هوئي سدا
آءُ وري اڪبر ادا موٺ اصغر لاڏلا

ڳالهه

امام حسين عليه السلام بيبي سڪينه کي خواب ۾ ڏاڍو پيار
ڪيو ۽ چيائينس اي امان مون سان هي حال ڪافرن ڪيو
آهي جن کي نه بابي جو نه ناني جو خيال ٿيو نه منهجي اهل
عيال تي ڪو قياس ڪيائون منهجو سر نيزي چاڙهيائون
جو اونهان سان گڏ ڪربلا کان هيستائين آيو آهي

تهنجو چاچو عباس ۽ قاسم اصغر توڙي اڪبر اهي به شهيد

ڪيائون پر بابا مونکي پنهجي سرويڊ جڻ جو زخمن جو توڙي

اولاد جي مارجڻ جو آيترو درد ڪوني نهي جيترو اوهان جي قيد
ٿيڻ ۽ بي پردي شهرن ۾ ۽ بازارين ۾ رلڻ ۽ دربدر ٿيڻ جو آهي

منهجو سر اوهان سيني کي انهين حال ۾ اوهان سان گڏ ڏسندو

هليو اوهان جي طنبن کي باهيون ڏنائون ۽ سامان اسباب لٽيائون

سو ڏنم تو کي چابڪ ۽ نيٺ هٽي درڪنن مان چنائون ۽ تهنجي

ڦڦي زينب جا هٿ رسن سان ٻڌائون اهو سپ ڏنم تهنجي پاءَ بيمار

عابد کي ڳرا زينجير هٿ ڪڙيون وڌائون ۽ طوق ڳچيءَ ۾ باري

وجهي هٿ ۾ انن جي مهار ڏئي کيس جلد هلڻ لاءَ چابڪ هٽندا آيا
انهن سپني ڳالهين جو درد اٿم پهنجي مارجڻ جو مونکي کوبه
درد کونهين ان کان پوءَ امام پاک سڪينه کي پيارڪرڻ لڳو
چوڻ لڳو

مرشه

هاءَ تڏهن سرور سڪينه سيني لائي پيار کيو

منهن سان منهن لائي وڏي سک مان ڳرائي پائي پيار کيو

اي امان امان بيبي سڪينه چا چوان چا حال هو

جيڪا سر گزري ڏک لڳو ۽ دل سنو سروديائڻ جو نه ٿيو ارمان

مونکي اي امان آه دائم دل ۾ تهنجو ديان مونکي اي امان

تن تحيل تيرن سين پنهجو مونکي ناهن ياد اڪبرو اصغربه مون
گڏ تن سين منهجو روح شاد تهنجو ڏک ماري ٿو مونکي هئي نه
هئي منهجي مراد تون ايري شام آءَ تو لئه ڪريان فرياد داد

يا خدا ميلين ته مون هين هيءَ نه وچڙڻ ويل هئي

يا وجي ڏاڏي ڏسين جنت مصطفٰي نانو نبي اي امان بي بي سڪينه
پاءَ اصغر رڻ ڪنو ۽ اصغر کي تهنجي تير تارون

۾ لڳو ۽ سندءَ عباس چاچو سوبه پاڻي پررهيو هو ۽ قاسم به

ڪد خدا جو سر به مع مهرن وڍو مهنجو لشڪر رڻ رهيو

آءَ تهنجي سڪ آيس وري هي سندءِ خاب وخيال آه لقاءَ آخري

اڪبر و اصغر ٿي چيو تهنجي سڪينه اٿئون قاسم وعباس ٿي

چيو آءَ ته تهنجو منهن ڏسئون تهنجي ڏک واريو اسان ڪي ناهن
ارام وسڪون هي نه وچڙن ويل هئي توڪئون نه وچڙيا شال هون

هي نه هئين چورا چجن ڪنهجا نه وارث هنئين مرن رڻ ۾ وارث
بيد فن پر ڏيھ قيدي رت روئن

ڳالھ

حضرت امام حسين بيبي سڪينه کي فرمايو ته اسان مانتهنجي
لاءَ هت آيو آهيان ته گڏجي مونسان هل توکي پاءُ چاچوڏايو
سنپارين ٿا امان توکي قيد ۾ ڏک ڏسڻ محال آهن ۽ تون انهن ڏکن

جي لائق نه آهي وري امام حسين فرمايس

مرشه

ڪيئن روءَ منهنجي سڪينه جي هلين تان اتهل اٿي

جي اجين آهن آهين ابا تان هل ۽ ڪوثر جام پيءَ وٺ هي ميوو

سنگھ نهشتي آهي ميوو جنتي توکي جنت فاطم چئي آءُ سڪينه

لاڏلي عمر ننڍپڻ ۾ امان هي ڏک ڏسڻ توکي محال اي سکين پالي
سڪينه اٿ اٿي وقت وصال

ڳالھ

خواب ۾ بيبي سڪينه پيءُ کان پاڪرئي نه پئي ڪدي

چوڻ لڳس ته بابا مونکي به پاڻ سان وٺي هل ته ڪيد خانه

جي عذاب کان ڇٽان ۽ هلي پائرن سان ملان ائين ڳالهائيندي

امام حسين بيبي سڪينه کي هٿ کان وٺي هلڻ تي هو ته ننڊ مان

معصوم جي اک کلي وئي ڏنائين بابو ته ڪونهين هي ته شام جي

قيد خانه جون اوندا هيون ڪونيون آهن تڏهن اچي ماءَ جي هنج ۾

روئڻ لڳي ۽ ماءَ پڇين کي چوڻ لڳي ته بابو جو هٿ آيو سو

ڪيڏي ويو مون ڳالهيون ٿي ڪيائين مونکي پيار ڏنائين ۽

مونکي ڏاڍو پيارڏئي چيائين ته مون سان گڏ هل ته توکي عباس

چاچي ۽ پائرن سان ملايان سويا نه بابو مونکي هٿ آڻي ڏيو

يا بابي کي ڏي وٺي هلو

مرشه

هاءَ هن پرچئي اٿيو ۽ ڪيو هلڻ سعيو امام ۽ سڪينه دانهن

ڪئي جاڳي ته سهٺو ٿيو تمام جان ڏسي تان ناهن بابو جنهن سان

هيڙي همڪلام خواب ۾ بابي جي هنج جاڳي ته هئي زندان شام

تڏهن ڪري هنج مئون امان جي خاڪ تي ليٽڻ لڳي چيائين بابو

منهنجو ايو سو ويو ڪيڏي وري

ڳالھ

پوءَ ماءَ کي چوڻ لڳي ته امان بابو جو هاٿي هٿ ويٺو هو سو

ڪاڏي ويو مونکي سيني سان لاتائين مونکي پيار ڏنائين مونکي

مونکي چون ٿا ڏسيو هاٿي هٿ ويٺو هو مونکي علي اصغر ؑ

علي اڪبر جي ملڻ لاءَ سنبيريائين مطلب ته آڌي رات جو بيبي

آٿي روج مچايو جو سجي قيد خاني ۾ اهل حرم توڙي امام زين العابدين بيبي جو ڳالھيو ٻڌي حيران پريشان ٿي ويو ويا هاٿي معصوم کي ڪھڙو دلاسو ڏيون وري ماءُ کي هئين چوڻ لڳي

مرشه

آءَ امان بابي ڏي ويندس جت ابو مهنجو امان

آءَ امان اڪبرڏي ويندس جت ادو مهنجو امان

اڪبر و اصغر کي ملنديس حڪم ٿيو مهنجو امان

رات ڏيهن رب کي اهوئي عرض هو مهنجو امان

اي ادا زين العباد کي تون به چئو پهنجا سلام

آءَ علي اصغر کي چوندس تهنجا پيغام وپيام

وري ڦقين کي چوڻ لڳي اي پڦي ڪلثوم بسڪس

اي مهنجي زينب ڦقي آءَ ابي ڏي ٿي وڃان مهنجو تياري

بابي سائين کي اوهان جا عرض چوندس هٿ ٻڌي

اهلبيت جي شآن ولين جي زبان

هاڻي دعا مونکي ڪجو بابي سان وصل ثيان وري

سائي ننڊ بهتر ڪِ جهنن ۾ جاڳڻ جي جفا هن جيئن

ڪان موت بهتر ثيان نه بابي ڪان جدا هي ڏسي حال

سڪينه ثيا پريشان اهلبيت ٻارن جو تڙڦڻ ڏسي ثيا

زار حيران اهلبيت هي مچايو محشر زار نالان اهلبيت

ڪربلا قتلعام جيئن ڪو شورا افغان اهلبيت

شام شد شام غريبان حسين صبح محشر شد از فرياد

يتيمان حسين ايترو قيد خانه ۾ ماتم اچي متو ۽ اهلبيت

به هن معصوم جون ٻولڙيون ٻڌيو ڏاڍو پريشان ثيا ته

هاڻي چا ڪجي آخر هي هل ۽ ماتم جو آوز يزيد ملعون

جي گهرتائين پهتو جو هن جو گهر ڪيد خانه ڪان پري

ڪون هو اهو ادرات جو ماتم ۽ هل هلا جو ٻدي يزيد ننڊ

مان جاڳيو پچا ڪيا ته هي ڪنهجو حل حشر آهي چيائون

امام حسين جي صاحبزادي معصوم ڇهن ورهن جي خواب

۾ پيءَ کي ڏٺو آهي هي انجو ماتم ۽ حل حشر آهي ۽ يزيد

کي خبر وجي چيائون

مرثيه

چيائون اڄ بيبي سڪينه خواب ۾ بابو ڏٺو

اهلبيت جي شآن ولين جي زبان

هي قيامت ڪوڪرو تنهن خواب جو تعبير ٿيو

چيائين سر بابس جو نئين ڏيکاريو هن معصوم کي

سر ڏسي بابي جو مرخاطر تسلا هن کي ٿئي

ٿالهه سوني ۾ رکي آندائون سر مظلوم ڏي

چيائون اجهو بابهن سڪينه جنهن کي تنهجي دل سکي

هاءِ هن معصوم جي جڏهن سر وڏئي تي پئي نگاهه

منهن ابي منهن تي رکي ڪئين آهي ٿي تسليم ساهه

منهن رکي بابي جي منهن تي ڪئي سڪينه جڳ ودا

پنهجي بابي سان ملي جنين چڻ نه هئي اصلي جدا

جنين ٿي ڪيا ان جي امان ان لاءِ تهڙي ڪوڪرا

تنين پڻ ٿي منهن پٽيو تنين زاري ڪئي زين العبا

تان هن طاقت تان ڪريان ان جو بيان اي اهل دين

صبرڪر صابت علي چئو نعم العجر الصابرين

ڳالهه

اي مومنو انهيءِ وقت ماءُ جو ۽ ڀين قيد ۾ پيل گهر جي پاتين جو
حال خيال ته ڪهڙو ٿيو هوندو اڳئين ڪان به وڏيڪ ماتم برپاٿي
ويو يزيد کي وڃي سپاهن خبر ڏنائون ته امام جي نياڻي پيءُجي
سرمبارڪ ڏسڻ سان گذاري وئي تڏهن ملعون امام زين العابدين
ڏي ماڻهو موڪليو ته عزر خواهي ڪري اچو وڃي ڪپڙو به

ڪفن لاءِ ڏئي اچو انهن يزيد جي حڪم تي ڪفن جو ڪپڙو آڻي امام زين العابدين عليه السلام کي ڏنو ان تي بيبي زينب فرمايو ته ۽ چوائي موڪليو ته اهو ڪپڙو اسن کي نه کپي باقي اسان جا جيڪي ڪپڙا ۽ چادرون لٽي ويا آهيو انهن مان ڪا چادر آڻي ڏيو پر هن ڪافر ائين نه ڪيو چيائين ته في الحال اوهان جو سامان اونهان کي نه ملندو آخرلاچار ٿي امام زين العابدين عليه السلام پنهجي دستار مبارڪ مان ڪفن جيترو ڪپڙو ڦاري انهيءَ ۾ لاش مبارڪ ويڙيائون امام زين العابدين عليه السلا م بيبيءَ کي ام ڪلثوم بيبي زينب عليه السلام ڪٺي اتي قيد خاني ۾ دفن ڪئي ۽ پاڻي به غسل لاءِ مشڪل هو قيدن کي ٽن ڏيهن ڪان پوءِ پاڻي ملندو هو بيبن چوائي موڪليو ته اسام کي ٽن وارن جو پاڻي ڏئي ڇڏيو ۽ پوءِ نو ڏينهن پاڻي نه ڏجو اسان پاڻهين پورت ڪندا سين پوءِ انهيءَ شرط سان پاڻي مليو جنهن سان بيبي سڪينه عليه السلام جي لاش کي غسل ڏنائون

پي هئين روايت آهي ته غسل ڏيڻ وقت بيبي سڪينه عليه السلام جي جسم پاڪ تي ڪارا داغ به هئا ۽ ڪنن واري هنڌن تي ڦٽن جا داغ به هئا جي رت ۾ پهراڻ چمي ويو هو جو پسائڻ ڪان پوءِ پي اهو ڪپڙو جسم ڪان ڌار ٿيو اهي داغ ڏڪن ۽ چابڪن جا هئا جي ملعون پارن کي ٿي هنيان ته پنهجي پيءُ ۽ پائرن جا سر ڏسي فريادون نه ڪن پيو در معصوم جي ڪنن مبارڪن مان در لاهي ويا هئا جن جا داغ ظاهر بينا هئا مطلب ته ڇهن ورهن جي عمر ۾ امام حسين جي سيني جي پليل پياري ڌيءَ جيڪا عزاب اج جا ۽ مائٽن جي شهيد ٿيڻ جا سٺا سي ڳالھ ڪرڻ ڪان ٻاهر آهن آخر اهو

ننيڙو جنازو امام عليه السلام بيماريءَ جي حالت ۾
زنجيرڪڙڪائيدو مٿي تي رکي قيد خاني ۾ اتي اي دفن ڪيائون

مجلس امام حسين جو روزو رکڻ

روايت آهي ته حضرت امام حسين عليه اسلام فرزنده رسول ثقلين ڇهن ورهن جا ٿيا ته رمضان مبارک جو جو چنڊ منودار ٿيو ته ان نودار نونهال ڇهن سالن جي عمر مبارڪ ۾ روز رکن جو ارادو ڪيو ڏيهن گرموسم هئا مگر حسين روزرکيو جهن وقت جا

سج مٿي چڙهيو ۽ سج پنهنجي گرمي جو جوش ڏيکا رڻ لڳو جهولي ۽ گرمي جي حرارت شروع ٿي ته حضرت حسين تي اج غلبو ڪيو

رنگ مبارک اج جي شدت کان فرڻ لڳو گلاب جو گل ر خسار مٿائڻ لڳو چپ ۽ وات منبارڪ ڏائيڻ وانگر خشڪ ٿيڻ لڳا اکين مبارڪن جون ماڙڪيون ڍڪجڻ لڳون بخار ۽ ضعف پيدا ٿيڻ لڳو هاءَ هاءَ ان وقت ماءَ جي حالت ڪهڙي هئي پهنجي نور نظر پاره جگر جي تڪليف تي اکين مان ڳوڙهن نير وهائڻ لڳي ۽ بي تاب ٿي پهنجي فرزند کي هنج کيون ڇيا ۽ ته اي حسين ڊر ننيڙي روزدار

تان قربان ٿيا ن تهنجي پلڪن سڪن چپن تان قربان ٿيان مان پنهجي کير جو قسم ٿي ڏيان ته روزو افطار ڪرۀ هڪ ڍڪ پاڻي جو پيءُ

تون معصوم آهين توتي روزو واجب نه آهي اي حسين خدا شاهد آهي ته مان تو کي انهن حال ۾ ڏسي نٿي سگهان مهنجو جگر پرزا پرزا ٿو ٿئي هر چند حضرت فاطم زهرا منٿون ڪري رهي هئي مگر امام عاليٰ مقام روزو کولڻ کان انڪار ڪيو روزي کولڻ تي راضي نه ٿيو ان وقت حضرت فاطم زهرا بي قرار ٿي فرمايو ته ڪو خدا جي واسطي ڪو علي مرتضيٰ ڪيۓ بابي محمد مصطفيٰ عيله سلام کي

وڃي خبر ٻڌائي ته حسين اڄ جي تڪليف کان غش ۾ اچي ويو آهي

جلد اچي پهنجي فرزند جو حال ڏس مان انهن جي چوڻ سان روزو افطار ڪري اي مومنو ان وقت ڪٿي هئي فاطم زهرا ڏيهن عاشوري جي ڏڄهن حسين جنگ جي مئدانم فرياد العتش

ڪندو رهيو ۽ شمر ملعون کي چوندو رهيو ته اي شمر التعش التعش اڱيان فرات درياءُ وحي رهيو هو ڪنهن به ملعون جواب نٿي ڏنو بلڪ پاڻي جي بدران تيرن ترارن جو پاڻي پيار يندا رهيا

۽ ائين چوندا رهيا ته اي حسين سپ

زناور چرندا پرندا ڪتا سوئر سپ هن دريا فرات تان پاڻي پين ٿا توکي هڪ ڦڙو پاڻي جو به ڏيندا سون حسين فرمائندو رهيو اي شقي چا تو هان مونکي مهمان ڪري به گهرايو اٿو

مان توهانجو مهمان نه آهيان مونکي خط لکي ڪونه گهرايو اٿو حضرت آدم عليه سلام کان وٺي اڄ تاۓ ڪنهن

به مهمان جو ڪاڏو پاڻي بند نه ڪيو آهي اي مومنو ان وقت حضرت فاطم نانو محمد مصطفٰي بابو علي مرتضٰي

پاءُ امام حسن المجتبٰا هجن ها ته حسين جو هال ڏسب ها جو شمر ملحد ملعون وڏي بي ادبي سان سيني اطهر تي ويٺوءِ سيني پاڪ تي ويهي نڙيءَ تي خنجر وهائي رهيو هو ۽ حسين مضلوم التعش

التعش جو آواز بلند ڪري رهيو هو اهيو حسين اهو حسين هو جهنڪي رسول الله مهر نبوت تي چاڙهي مدينه

منور جون با زاريو گهمائيندا هئا ۽ امام حسن ۽ امام حسين لاءَ جبرائيل عليه سلام بهشت مان مرضي موجب درزي ٺي لٺايا پوشاڪ آڻيندوهو دروازي جوڪڙو کڙڪائي چوندو هو انا خيات الحسنين اندرا ٻانهين چچندي هوئي ته ڪير آهين جواب ۾ حضرت

جبرائيل فرمائيندو هو ته مان درزي اهيان شهزادن جا ڪپڙا ڪٽي آيو آهيان جهنجي لاءَ حضور جن فرمايو حسين

مني وانا من الحسين حيسن مون مان آهي مان حسين مان آهيا حسنين بهشت جي جوانن جا سردار آهن افسوس جو اهي قول رسول جا وساري پهنجي نبي

جي فرزند سان امت ڪهڙو سلوڪ جا ري رکيو آخر امام حسين جي ناني رسول الله ۽ علي مرتضٰي حسن المجتبٰ ڪي روزي رکڻ جي خبر پئي ته حسين روزو رکيو آهي ۽ اڄ جي شدت وڏي وڏي وئي آهي ۽ فاطم زهرا تمام بيحد بي چين آهي ٻڌڻ شرط گهر پاڪ ۾ آيا ۽ سپ عزيزقريب امام جي حالت ڏسي مٿان اچي بيٺا سپڪنهن جي اهيائي فرما ئش هئي ته حسين روزو افطار ڪري

چيو ته حسين ننيڙو آهي جو روزو واجب نه اٿس مگرحسين سر جهڪايون صبر ۾ ويٺو هو هڪ طرف نانو رسول خدا حسين جو سر مبارڪ چاتي سان لائي روئي رهيو هو ٻي طرف علي مرتضٰي پهنجي فرزند جو منهن چمي رهيو هو ۽ مٿان شفقت جا هٿ فيري رهيو هو هڪ طرف امام حسن پهنجي ڀاءَ کي گيچي ۾ پاکر وجهي روئي رهيو هو هڪ طرف دائي فضه جام پاڻي جو هٿ ۾ جهليون انتظارم بيني هئي ۽ منٿون ڪري پئي چوي ته اي حسين پاڻي پيءُ جڏهن حسين ڏٺو ته بابو علي مرتضٰي ۽ نانو محمد مصطفٰي ۽ امان گهڻون ستائي رهيا اهن ۽ سپئي روئي رهيا آهن ته انوقت بڪمال هٿ ادب ٻڌي عرض ڪيائين ته اوهان سپني جي اطاعت موتي واجب آهي ۽ روزو سنت آهي ليڪن خداشاهد

آهي مهنجو هي ارادو نه آهي جو توهانجي خلاف مرضي هلجي مگر

هر حال توهان جي اطاعت خوش نودي مونکي منظور آهي

ليڪن مان مجبور آهيان جو مان هئي نيت ڪئي آهي جو مان هي

روزو رکان ٿو ماه رمضان جوقربته الله يعني هي روزو خوشنودي پروردگار جي رضا مندي اپرذ غفار

جي لاءَ آهي اميد وار اهيان ته مونکي معاف ڪيو اي نانا مونکي شرم ٿو اچي ته هڪ امر محض رضا مندي

غفار جي لاءِ ڪيان ۽ وري ان کي ترڪ ڪيان ان وقت رسول فرمايو ته اي روزي داربچڙا بيشڪ تون ثابت قدم آهين اي پٽ

مرحبا ته او چتو رب العا لمين جي طرف حضرت جبرائيل نازل ٿيو
چوڻ لڳو اسلام عليڪم يا رسول الله ۽ پوءَ جبرائيل

فرمائڻ لڳو ته يا رسول الله خداوندعالم بعد تحف صلوات

۽ سلام جي فرمايو آهي ته مهنجي حسين منهجي راضي

ڪرڻ لاءِ روزو رکيو آهي با و جود اج ۽ بک قبول ڪئي

اٿن مهنجي حسين جي مرضي آهي ته شام تاءِ روز ور ڪان

بس تنهجي خاطر مونکي پيارو آهي علي ۽ فاطم جو روئڻ مونکي

پسند هرگز نه آهي مان الله هزار ملائڪ مقرر ڪيا آهن ته سج
جو

تنا بويڪدم چڪي مغرب طرف پهچائن ته حسين روزو افطار
ڪري

پاڻي ۽ ڪاڌو مهنجو حسين ڪائي پيئي راوي ٿو چوي ته جهن وقت
شام ٿي فاطم زهرا جو ڪجھ روزي افطار ڪرڻ لاءَ ڪيو هو سو
حسين جي اڳيان اچي رکيو فاطم زهرا فرمايو پٽ طام ۽ پاڻي
حاضر آهي حسين فرمايو مهنجي پياري ماءَ مهنجو هيءُ پهريون
روزو آهي جيستائين مونکي هن روزي جو هديه نه ڏيندءُ ته مان

روزو افطار نه ڪندس حضرت رسول ڪريم فرمايو ته مونکي
خدا

وند عزوجل هڪ چشم سل سبيل جو عطا ڪيو آهي جو انجو نالو
ڪوثرآهي انجو پاڻي ماکي ڪان منو آهي جهن زمين تان اهو پاڻي
وهي ٿو اها زمين مشڪ عنبر ڪان وڌيڪ خوشبودار آهي اي

حسين مان اهو توکي انعامﷺ ڏنو وري علي مرتضيٰ فرمايو ته اي مهنجا نورچشم اي نورنظر مهنجو

هڪ باغ آهي جهنکي تهنجي ڏاڏي ابوطالب پهنجي هٿن سان تيار ڪيو

آهن آهي وڻ خرم جا آهن جو کهڙو آهي مهنجا وڻ تمام سرسبز ۽ سهڻا به مرض وارو ماڻهون اتان ڪائندواهي ته اهو ماڻهون چنگون پلو ٿي پندو آهي مان اهو باغ توکي ڏنو وري حضرت

فاطم زهرا فرمايو ته اي پٽ مونکي نيڪاح واري رات جو خدا تعليٰ زمين آسمان ۽ روز زمين جو پاڻي ۽ لوڻ

ڪاڏو خوارڪ ڏنو آهي جهن مان سڄو جهان جن انسان چرندا پرندا ڪائن پئن ٿا گويا سڄو عالم مهنجو مهمان آهي

مان اهو سپ جو سپ توکي ڏنو وري حضرت جبرائيل امين فرمايو ته هڪ

ستارو آسمان ۾ آهي جو اهو ٿيهن ورهن ڪانپوءَ طلوع ڪندو آهي مان

اهو ستاري کي ڏنواٿم بس انهين عرصه ۾ جابه عبادت طاعت رکوع

۽ سجود مون کيو آهي انجو اجر ثواب اي حسين مان توکي ڏنم وري

خداتعليٰ جو غيب مان آواز آيو ته

اي حسين مان الله جتي آهيان هن تهجي

روزي جي برڪت سان سپني روز دارن جا روزا قبول ڪيا سپ
هن روزي جي ڪري مهنجي خانه احساس

جا مهمان آهن يا الله العالمين مهمان حسين جا غمخوار فرزند
رسول الله جا جيڪي هجن قيامت جي ڏيهن سي آب ڪوثر سان
ڍڪ ڪن ۽ سيراب ٿين اي مومنو

اهو مالڪ حوض ڪوثر جو عاشوري جي ڏيهن ٿن ڏيهن جو اڃو
بکيو ان نهرفرات جي سامهون شهيدڪيا ئون جو اهي سچي عالم
جا دريا ءَ ان

جي ماءَ فاطم زهرا ڪي مهر ۾ مليل آهن جو حضرت فاطم زهرا
روزي افطار ڪرڻ وقت

پهنجي پٽ حسين ڪي ڏنا هئا ڇهن مهينن جوعلي

اصغر انهين پاڻي جي لاءَ ۽ علي اڪبر ارڙهن

ورهن جو نوءُ جوان هم شڪل محمد مصطفٰي

پياسو حوص ڪوثر ڏانهن راهي ٿي ويو مگر

هڪ ڍڪ پاڻي جو ميسر نه ٿيو حضرت حسين جو ڀاءَ عباس
ٿيهن ورهن جو انهين وادي فرات

تان ٻاهون قلم ڪرائي شهيد ٿي ويو راوي ٿو

چوي ته عاشور جي ڏيهن جڏهن حضرت حسين جا عزيز رفيق
سپ شهيد ٿي ويا حضرت تن تبها

وجي رهيو هو ۽ ظالمن جي ڏيڍ لک فوج ۾ فرياد

ڪري رهيو هو ان وقت جعفر ديو کي ڪنهن خبر ٻڌائي ته تهنجو مرشد زادو نبي جو نواسو

علي جو فرزند ڏيڍ لک فوج جي گهري ۾ آهي

تون پهنجي عيش عشرت سان تخت تي ويٺو آهين

هي ٻڌي نيئي ديو جي سردار ٻه لک فوج تيار ڪري يڪدم ڪربلا جي مئدانم پهتو امام جي

قدمن تي ڪري عرض ڪيائين ته اي مهنجا

عالم جا امام سردار هي بندو پهنجي تخت تي

بيخبر ويٺو هو ته اوچتو ڪئي جن روندار

رڙندا پٽيندا گريبان ڦاڙيندا اچي مون وٽ پهتا

مونکي چيائون ته اي بادشاه امام پاڪ بي يار

بي مدد گار لکن سوارن جي گهيري ۾ آهي چئي

طرفن کان تيرن ترارن جو مثانس ميهن وسي

رهيو آهي ساري بدب پاڪ مان خون جاري

آهي ۽ پاڻي کا ڏوسيپ بند اٿس ۽ جلد بجلد مشڪون پاڻي جون ڪٺا ئي اتي پهچ جو ٺ ڏيهن کان نبي جو نواسو اجو آهي هي ٻڌي مان بي قرار

ٿي ويس ۽ مان هڪ لک پهنجي فوج وٺي حاضر ٿيو آهيان اميد اٿم ته مان تهنجي قدمن تان قربان ٿيندس ۽ هنن خدا جي دشمنن

کي هڪ پلڪ ۾ فنا ڪري ڇڏيان ٻي روايت ۾ آهي ته بيرالالم جي علائقي ۾ جنن جي شادي هئي هنن امام جي لڙائ

جي ڳالھ ٻڌڻ شرط ڪربلا ۾ جنگ جو معائنو ڪري وڃي پهنجي بادشاه کي شادي جا هارسينگار ڦاڙي اڳيان اڇلايا چيائونس ته اي اسانجا بادشاه هڪ واقعو ڪربلا جو اکين ڏٺو

توسان ٿا بيان ڪريون سو يڪدم پنهجي سردار جي مدد ۾ پهچ جو اسان تو سان ڳڏجي امام جي

قدمن تان قربان ٿيون جلد بجلد ڪريو جو رسوالله جو نواسو ٽن ڏيهن جو اڃو بکيو آهي اسان پهنجي شادي ترڪ ڪري تووٽ پهتا آهيون اهيو ٻڌي ديون جي بادشاه لکن جي تعداد ۾ فوج وٺي امام

جي خدمتم حاضر ٿي ويو آخر امام جعفر کي فرمايو ته اي جعفر توتي رحمت هجي ۽ توکي خدا تعليٰ خير جي جزا عطا فرمائي تون داخل ثواب ۾

ٿي وئن مگر مان توکي جنگ جي موڪل نه ڏيندس هي انصاف جي خلاف آهي جو مان جنن

۽ ديون جو مقا بلو انسانن سان ڪرايان جو انسان

تو هان کي ڏسي نٿا سگهن توهان هنن کي ڏسو ٿا

انسان خاڪي اهن توهان آتشي آهيو توهانجي طاقت سپکان ويڍيڪ آهي جعفر چيو يا مولا اجازت ڏيو ته انسان جي صورت ۾ جنگ ڪري سر قربان ڪريون اي ابن رسول الله هي کهڙو

انصاف آهي جو هنن لعينن بار بار خط لکي دعوت ڏئي گهرائي توهانکي ۽ توهانجي اولاد کي

اڄ بک ڏئي شهيد ٿا ڪن ۽ ساقي ڪوثر جي فرزند کي پياسو ڪري شهيد ڪن امام جعفر کي

فرمايو مين با وفا هون چائيے هر دم وفا ڪرون

زخمى ڪرين مجيے مين انڪو دعا ڪرون

جعفر چيو اي مولا مونکي جنگ جي اجازت ڏيو ته مان انسانن جي صورت ۾ انهن ملحدن سان

جنگ ڪري شرف شهادت جو حاصل ڪريان

حضرت امام حسين فرمايو اي جعفر هوڏس ته

مهنجو فرزند نوجوان علي اڪبر جي لاش خون

۽ مٽي ۾ غلطان ٿي پئي آهي وري هوڏانهن ڏس ته

لاش عون محمد جي پئي آهي اهيو ڏسي جعفر زارو قطار روئڻ لڳو امام فرمايو اي جعفر جهنجا

عباس جهڙا پائر علي اڪبر جهڙا هم شڪل پيغبر

عون محمد جهڙا پاٽجا ۽ علي اصغر جهڙا کير پياڪ گلڙا اکين اڳيان ڪسي وڃن پوءَ بڏاءَ ته

ان کي حياتي مان ڪهڙو لطف ايندو پوءَ حيف آهي اهڙي حياتي کي جعفر اهيو بيان بڌي زارو زار روئڻ لڳو وري عرض ڪيائين يا ابن رسول

الله مان پاڻي جون مشڪون پاڙسان پري ڪٽي آيو آهيان توهان ٿن ڏيهن اجا آهيو پاڻي پيوءَ ۽ معصوم

ڪي به پياريو مهنجي اميد پوري فرمايو امام فرمايو ته اي جعفر پاڻي هت پيئڻ مهنجي قسمت ۾ حرام آهي شهادت ڪان پوءَ آب ڪوثر سان سيراب

ٿيندا سون اي جعفر آب ڪوثر جي وادي پري ڪانهي مان گهران ته هزار مرتبه پاڻي پيان انهن دشمنن ڪي هردم برهم ڪري سهگان ٿو ليڪن موکي گوارا نه آهي اي جعفر هي اهو پاڻي آهي

جهنجي لاءُ علي اڪبر نواجوان اجو دنيا ڇڏي

ويو قاسم انهين پاڻي جي واسطي شهيد ٿيو ڇهن

مهينن جو جو اصغر ڪير پياڪ تڙفي اج ڪان مري ويو عباس جا بازو انهين پاڻي لاءِ قلم ٿيا

اي جعفر پوءَ انصاف ڪر ته حسين انهين پاڻي کي ڪين پيندو وري جعفر عرض ڪيو ته اي

عالم جا امام جيڪڏهن توهان پاڻي نٿا پيوءَ ته هي مشڪون ڪٽي خيمن ۾ بيبين ۽ بارڙن کي پياريو

حضرت حسين فرمايو اي جعفر جيستاءَ مان نه پاڻي پيندس تسيتائين ڪون پاڻي پيئندو طنبن ۾ پاڻي پيڻ وارو ڪير آهي مهنجي پيڻ زينب جا به فرزند اجا شهيد ٿي ويا اها ڪيئن اها ڪيئن پيئندي امير مسلم جي گهر واري جا به فرزند تشنه نه لب جوان شهيد ٿيا شهربانو جو علي اصغر پياسو ظلم جي تير سان

شهيد ٿيو وري جعفر عرض ڪيو اي مهنجا آقا توهان هن دنيا
کان ڪناري ڪشي ڪري شهادت قبول ڪئي اٿو ته اهل عصمت
پاڪن کي مان با ادب مدينه منور پهچايا امام فرمايو اي جعفر
ديون جن جا سردار مان پهنجو مال اسباب جان ۽ ناموس خدا وند
ڪريم جي حوالي ڪيو اٿم مهنجو سر سپني سرن جي اڳم هوندو
پوءَ ان جي پٺيان ناموس مٿي اگهاڙوبي ڪجاوين بي پردي اٺن
تي سوار ڪري هلندوا اهيو ناموس مونسان همسفر شام شهر
تائين مونسان هلندو جعفر عرض ڪيو ته مهنجا مولا مان پهنجي
فوج موٽا يانٿو مونکي اجازت ڏيو ته توهان جي خدمت اقدس ۾
رهان امام فرمايو اي جعفر خدا تهنجي اجر کي زياده ڪري مگر
تون مهنجي مصيبت کي نه ڏسي سگندين پلاتون ڪئين ڏسي
سگندين جو موکي مثل گهٽي جي قرباني جي کهندا مان پهنجي
رت ۾ هٿ پير هٽندس شمر ملعون مهنجي سيني مبارک تي وڏي
بي ادبي سان چڙهندو اي جعفر تون پهنجي ماڳ تي موٽي وڃ هي
ڳالهيون پڌي خاک اڏاريندوروئندو لشڪر سميت پهنجي ملک
ڏانهن هليو ويو تاريخن ۾ لکيل آهي ته جهن وقت حضرت امام
حسين ڪوفين ۾ شامن سان مقابلو ڪيو ته بسم الله اکبر
ڪري ذولفقار مياڻ مان ٻاهر ڪڍي ته شمرملعون گهبرائجي ويو
۽ فوج کي چوڻ لڳو ته هيئر علي جو فرزند رسول جو نواسو
مئدان جنگ ۾ آيو آهي ۽ شجاعت حيدري انجي ملڪيت آهي

اي هک هک ٿي ان جو مقابلو ڪوبه نه ڪري سگهندو ۽ سپ
گڏجي حسين عليه السلام تي حملو ڪريو چئني طرفن کان ڦري
اچو پوءِ تيرن جو مينهن وسايو ان وقت مظلوم ڪربلا تمام گهٽو
زخمي ٿي پيا هئا ان تڪليفن هوندي به سج جي گرمي اچ بک

ترين ترارن جا زخم هين انهن هوندي به انهن مردون تي مثل شير ببر جئين نارا الله اڪبر جا هڻي ملعونن کي فنا ڪي ڇڏيو چئني طرفن ظالمن جي فوجن ال امان ال امان فرياد و فغا جاري هئي اخر آسمان مان آواز آيو ته اي حسين عليه سڃي روء زمين جا دشمن تنهجو مقابلو ڪري نه سگهندا توکي ننيڙائپ وارو وائدو وسري ويو آ هي ڇا اي حسين توکي امت گنهگار جي شفائت منظور نه آهي ڇا هي وقت شهادت جو اٿئي يه بهادري جو حضرت امام حسين اهيو آواز

ٻڌي هڪدم ذلفقار مياڻ ۾ وڌي پوءَ پهنجي جسم پاڪ اطهرکي تيرن ترارن جو نشانو بنايو پاڻ پهنجي جسم پاڪ جو ملا حضه فرمائون ته پيشاني پاڪ کان پيرن جي ترن تائين هزارين زخم ڪاري لڳل هئا حضرت جن شڪرانو بجا آندائون هر هڪ زخم مان خون جاري هو طاقت گهٽ ٿيندي وئي ان وقت پاڻ فرمايائون گهوڙِي تان لهي شڪرانو بجا آٽيان ذولجناح کي فرمايائون ته اي گهوڙا تون ناني رسول خدا جي سامهون ننيڍائپ ۾ گوڏا کوڙِي سوار ڪندو هئين اڄ به مونکي اهسته زمين تي لاه جو گهڻن زخمن جي ڪري مجبور آهيان ذولجناح اهيو ٻڌي چارئي پير زمين تي رکي ويهي رهيو پوءَ امام حسين گهوڙِي تان لهي زمين تي آيو تيمم ڪري ڪبته الله ڏي منهن ڪري ويهي رهيا پوءِ سر سجدي ۾ جهڪايائون ته اوچتو شمر ملعون يارهن لعينن سان گڏ خنجر ڪٽي امام پاڪ جي سامهون آيو اهڙوبي ادبي سان آيو جو ڪربلا جي زمين ڌبڻ لڳي اسمان هلڻ لڳو ڪاروطوفان اچي ويو سڃي عالم ۾ اونداه پکيڙ جي ويو بيبيون سر اگهاڙاڪري پهنجي

پهنجي طنبن مان نڪري پيون آسمان مان آواز آيو قتل الحسين بڪربلا

ذبح الحسين بڪربلا آهيو بڏي به جن مٿي ۾ خاڪ وجهي واري وسائندا وجي جعفر ديو کي ٻڌايائون ته فرزند رسول جو گرم زمين تي شهيد ٿي ويو ان جي لاش اطهر کي گهوڙِي جي سنبن سان پائمال ٿي ڪيائون انجو سر پاڪ نيزي جي نوڪ تي رکيائون اهيو ٻڌي جعفر ديو پهنجي قوم کي حڪم ڏنو ته سڀ مهنجو لشڪر گڏ ٿي مٿي ۾ خاڪ وسايو جو اڄ اسانجو ۽ زمين آسمان جو سلطان شهيد ٿي ويو هاءَ هاءَ هي اڄ اهو ڏيهن اهي جو زينب ۽ ڪلثوم علي جون نياٽيون رسول جون ڏوهٽيون عام ماڻهن جي هجوم ۾ مٿي اگهاڙيون واءَ حسنا هاءَ حسنا ڪري رهيون آهن انهن کي ڪوفي ۽ شامي قيد ڪندا نا محرم ماڻهون انهن جون چادرون ڦريندا ۽ انهن جا طبنو ساڙِيندا هي ٻڌي جعفر ديو سان سڀ لشڪر واري وسائندو روئندا پٽيندا ڪربلا پهتا ڏٺائون ته امام شهيد ٿي ويو آهي امام زين العابدين زنجيرن سان جڪڙيل آهي اهل حرم پاڪ بيبيون ۽ ننڍڙا ٻار هاءَ هاءَ

حسينا ڪري رهيا هئا لاش امام پاڪ جي تتل زمين تي روءَ بقبله پئي هئي ۽ فرياد آواز رسول

جو روئڻ علي ۽ فاطم جو اچي رهيو هو ۽ سو لک نبيءَ جي صف جو حلقه ٻڌل ۽ نوحه پڑِهي رهيا هئا جي رسول سان گڏ ماتم ڪري رهيا هئا جعفر اهيو ڏسي پهنجي لشڪر سميت روئي بيحال ٿي ويو پهنجي لشڪر سميت ماتم خاني ۾ نوحن پڑهڻ ۾ مشغول رهيو ۽ پهنجي قوم کي چوڻ لڳو ته اي مهنجي قوم اڄ ڏيهن کان

وني قيامت ۾ حساب ڪتاب جي ڏيهن تاءَ ماتم ڪندا رهو ۾ حسين مضلوم جو ماتم ملهائيندا رهو راوي ٿو چوي ته قسم بخدا مان هزار دفعا جهنگ برپٽ مان لنگهو آهيان ته مون اتي انهين محرم شريف جي موقع تي روئڻ جو آواز ۽ اچنگهارون ٻڌڻ ۾ آيون آهن حالانڪ اتي نه ماڻهون ڏنم به شهر هو سو اي مومنو شهيدن ڪربلا لاءَ روئو ۽ ماتم ڪي گهٽ نه ڪيو

لعنت الله يذيد وعلا قوم يذيد

مجلس

مصائب شهزادو علي اڪبر ابن الحسين

راوي روايت ٿو ڪري ته جڏهن شهزادو علي اڪبر جنگ ۾ وڙهندي ميدان م زخمي ٿيو ته ان وقت اڄ جي شدت تمام وڌي وئي هئي ان وقت پنهجي پيءُ بزرگوار پٽ حيدر ڪرار ڪي ڪي اچي فرمايائون ته اي بابا جڏهن ڪان وني مان زخمي ٿيو آهيان ته اڄ جي سختي ڪان ۽ اُس گرمي سج جي تپش ۽ زره جو بار ۽ حول جي بار مونکي هلاڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ زخم به گهٽا لڳل آهن انهين هوندي به هڪ سو اسي نار ڪي دوزخ ۾ پهچايو اٿم هاڻي هڪ جام پاڻيءَ جو ڏيو ته هي ڪوفي ۽ شامي هڪ پل ۾ فنا ڪري ڇڏيان ان مهل امام حسين عليه السلام پنهجي فرزند نوجوانڪي فرمايو ته اي علي اڪبر بچڙا ان وقت مونکي وڌوصدمو پهتو آهي جو مان اڄ تائين ڪنهن به سائل ڪي خالي نه موٽايو آهي افسوس جو تنهجو هي سوال آهي چوته مان توکي پاڻي پياريان ها اي پٽ مان توکي ڪهڙي طرح پاڻي پياريان ها ان وقت هڪ منڊي تنهجي ڏاڏي علي المرتضِيٰ عليه السلام جي مون

وٺ موجود آهي اها زبان ۾ رک ته تنهجي اج لهي ويندي ٻي
روايت ۾ آهي ته امام عليه السلام پنهجي فرزند کي فرمايو ته اي
نورچشم علي اکبر عليه السلام منهجي سيني سان سينو ملاءِ
پوءِ پنهجي زبان منجي زبان ۾ ڏي ته تنهجي اُج لهي ويندي

امام حسين عليه السلام فرمايو ته مان رسول خدا جي

زبان چوسي آهي انجي برڪت سان تهنجي اج گهٽجي

ونيندي جهن وقت علي اکبر پهنجي زبان پيءُ جي زبان ۾ ڏني ته
يڪدم پهنجي زبان پيءَ جي وات منبارڪ مان ڪڍي ورتائون
چيائين ته اي مهنجا

سردار بابا توهان ته مونکان وڌيڪ پياسو آهيو

توهان نجي زبان مهنجي زبان کان وڌيڪ خشڪ آهي

توهان ته مون کان وڌيڪ پيساسا آهيو پوءَ اها منڌي اڪبر جي
وات ۾ ڏنائون ته اج ان جي برڪت سان لهي وئي چيائونس ته
اڪبر هاڻي ونجي جنگ ڪريو اي ابا علي اڪبر سج نه لهندو ته
توکي بابو نانو آب ڪوثر سان ڍءُ ڪرائندو علي اڪبر اهيو
حڪم ٻڌي جنگ جي مئدان ڏانهن روانو ٿيو دشمنن چئني طرفن
کان گهيرو ڪري ورتو راوي ٿو چئي ابن نمير ملعون هڪ ٻرڇي
علي اڪبر جي سيني ۾ اهڙي زور سان هئين جو ان سان گڏ جگر
جا ٽڪرا نڪتا آيا هاءِ شهزادو زمين تي ڪريو ۽ آواز ڏنائين يا
ابتاه ادر ڪني وا ابتا اي مهنجا بابا مهنجي جلد خبر لهه علي اڪبر
تهنجي قدمن تان قربان ٿيو جهن وقت شهزادو زمين تي ڪريو ته
دشمنان اهلبيت طبل خوشي جا وڄايا جهن وقت طبل خوشيءَ جا

امام ٻڌا ته مٿي ۽ پيرن اگهاڙو مقتل گاه ڏانهن روانو ٿيو چوندو ويو اي علي اڪبر مونکي سڏ ڏي مهنجي ديد ختم ٿي وئي آهي اي هم شڪل رسول خدا جا مونکي سڏ چون نه ٿو ڏين اي ابا هڪ دفعو ڳالهاءَ ڪٿي آهيو اي بابا ڪهڙي طرف آهيو آخر امام پهنجي پٽ جي لاش تي پهتو چا ڏنائون انوقت چا ڏٺو جهن وقت علي اڪبر زمين تي ڪريو هوندو ڏنائون ته ستم جو سانگ سيني ۾ لڳل آه حضرت امام عليه السلام بي تاب نه علي اڪبر جي لاش جي پر ۾ ڪري پيا پڇائونس ته اي مهنجي نورجي روشني اي مهنجا نوجوان پٽڙا ڪهڙو حال آهي پهنجي پيءَ سان ته ڪجهه ڳالهاءَ علي اڪبر فرمايو اي بابا مونکي طبن ۾ ڪٺي هلو ته مان امان ۽ فقي زينب ۽ ام ڪلثوم جي آخري زيارت ڪريان ۽ مان پهنجي امان ڪان ڪير نخشايان حضرت امام عليه السلام پهنجي پٽ جي لاش طبن ۾ ڪٺي آيو بيبيون حلقه ٻڌي ماتم ڪرڻ لڳيون ۽ مرغ روح خلد برين ڏانهن پرواز ڪري ويو علي اڪبر جي شهادت ڪان پوءَ امام حسين عليه السلام جي زندگي هڪ پل به نه گزري ۽ جنگ جي مئدان ۾ وڃي دين جي دشمنن سان جنگ ڪيا ءَ پوءَ هڪ هزار نوسوءَ زخم تيرن جا ڪائي گهوڙي تان زمين

تي آيا ڪتاب ۾ رياض شهادت ۾ آهي تير ايتري قدر جسم پاڪ ۾ لڳل هوا جو گهوڙي تان ڪرڻ وقت جسم زمين ڪان مٿي تير جهليو بيٺا هئا هاءِ هاءِ به ٿي ساعتون نه گذريون ته شمر ملحد نابڪار خنجر ڪٺي اڳيا آيو چا لکي چا لکان ته ان ملعون جهن سيني پاڪ کي رسول پاڪ چميون ڏيندو هو ان سيني پاڪ تي وڌي بي ادبي

سان چڙهليو جو تير جيڪي زمين ڪان مٿي جهليون بيٺا هوا اهي پار نڪري آيا ان ملعون سر پاڪ امام جو خنجر سان جدا ڪيو لڪيل آهي ته انوقت سج ڪارو ٿي ويو زمين آسمان ڪي زلزلواچي ويو ڪارو طوفان آيو ساري عالم ۾ انڌيري آئي مظلوم ڪربلا جو سر اطهر نيزي جي نوڪ تي رکيائون مسلمانن خيمن ڪي باهيون ڏنيون طنبن ڪي لٽڻ شروع ڪري ڏنائون پهرياءَ بيبين جي طنبن ڪي باهيون ڏنائون آخر حِضرت زينب ۴ ام ڪلثوم ۴ پيون بيبيون هاشمي بيبيون ننيڑا پار ۴ سڪينه ڪي وٺي امام زين العابدين جي خيمي ۾ آيون جتي هو بيماريءَ جي حالت ۾ سمهيون پيون هو سپ بيبيون حضرت زينب جي پٺيان ظالمن جي پوءَ ڪان امام العابدين جي طنبن ۾ و ٺيون جڏهن بيا طنبوساڙِي علي بن حسين جي طنبوءَ ۾ ايا ته عمر لعنتي ملعون انهين بيمار زين العابدين ڪي بستري بيمار جي تي سميهل ڏسي چيائين ته اي شمر جهنڪي اوهان علي بن حسين سمجي شهيد ڪيو آهي اهو ته علي اڪبر ابن حسين هو هن ڪي توهان چو نه شهيد ڪيو آهي اهيوئي حسين جو وڏو فرزند آهي هنڪي يڪدم شهيد ڪيو اهو بڌي هڪ ملعون ترار ڪٽي اڳتي وڌيو ته حضرت زينب ڊڪ ڪري پهنجي بيمار پائٽي جي مٿان ڪري پئي فرمائڻ لڳي اي عمر سعد لعنتي اسنجا وارث ته تو قتل ڪيا آهن باقي هي هڪ بيمار آهي انکي به تون جئرو نٿو ڏسي سگهين هئينر ڪوبه اسانجو حال محرم ڪونهين

هن بيمار کي ڇڏي ڏي اج تاءَ ڪنهن به قوم جي بادشاهن بيمار کي قتل نه ڪرايو آهي مگر هو ملعون ترار اگهاڙي ڪري الرون ڪري ڊيڇاري رهيو هو مگر اها مخدومه بيبي پهنجي پائٽي کان

پري نه ٿي باوجود انهين ظلم جي عمر سعد پي بي تابي حضرت زينب جي ڏسي روئي ڏنو فوج کي چياءَ ته چنگون هن کي قتل نه کيو هن کي امان ڏيو هنکي قتل نه کيو هنکي ڳرا زنجير پهرايو فوجي سپاهي اهو سامان کٽي آيا چوڻ لڳا ته اي بيمار اٿي ويهه ته توکي لوهي زيور پهرايون امام پاک فرمايو ته اي کوفيون مون بيمار ۾ ته اهڙي باري زنجيرن جي پائڻ جي ته طاقت کانهين جو اٿي ويهان تي ڏيهن گزري ويا آهن ته نه دوا ملي نه کاڌو نه پيتو مليو آهي اهيو بڌي شمر ملحد لکڻ پني تي هٽي چيو ته چپ کر آخر لاچار بيمار کربلا امام پاک پهنجي ڦڦي ۽ ماءُ کي فرمايو ته مونکي اٿاري ويهاريو حضرت امام پاک وڏي تکليف سان ٽيک ڏئي وينو پهنجي سر منبارک جهکايائون شمر ملحد باري پٽر جو طوق ڳچي ۾ وڌو ان وقت حضرت زينب سلام عليه فرياد کري چيو ته اي عمر سعد ري شمر ائين کنهن به امت پهنجي نبي جي اولاد کي قيد نه کيو آهي اي عمر اهيو کهڙو انصاف آهي جو اهڙي بيمار کي باري پٽر جو ڳچي ۾ طوق ۽ باري زنجير پيرن ۾ پهرايوٽا هي بيبي زينب عاليه جي تقرير بڌي کنهن کي به شرم نه آيو اڳين کان به وڌيک قيدن سان وڙهيا ۽ لکڻ پني تي معصومن بارن ۽ بيبن کي پٺي ءَ اگهاڙن اٺن تي سوار کري دمشق روانا ٿيا

لعنت الله يذيد وعليٰ قوم يذيد

مجلس

شهادت حضرت حربن يذيد رياحيِ

اهلبيت جي شآن ولين جي زبان

ان احيات الدنيان لعب ولهو وزينت وتغا حزو بينکم وتکا شرفي الا مولا وا لاولاد

حق سبحانه پهنجي ڪلام پاڪ ۾ ارشاد ٺو فرمائي ته اي دنيا جاطالبو تحقيق زندگاني دنيا جي ڪجھ به نه فقط ايترو ته کيل تماشو ۽ زيبائش فخر ڪرڻ هڪ ٻئي تي وڌائي مال ۽ اولاد تي الله وارن بزرگن جو قول آهي ته دنيان هڪ کيل آهي جهن سان ننيڙا ٻار کيڏن ٿا اهو ڪو تماشو آهي جهنکي جوان پسند ڪن ٿا اها ڪا زينت آهي جهنکي زالون چاهين ٿيون حرص ۽ طمع آهي جهن زياده طلبي کي دکاندار پهنجو روز گار سمجهن ٿا ۽ فخر آهي جو اولاد آدم جي هڪ ٻئي تي ڪن ٿا ڪتاب انور ۾ آهي ته حضرت خواجه خضر عليه سلام کان حضرت موسيٰ عليه سلام پڇو ته توهان دنيا ن جي جهان ۾ تعجب جهڙي ڪهڙي شئي ڏٺي حضرت خضر جواب ۾ چيو ته يا موسيٰ هڪ دفع هڪ شهر ۾ ويس جو مهنجي گمان ۾ روءَ زمين جي شهرن ۾ تمام گهڻون آباد هو ان جي رها ڪن کان پڇم ته هي شهر ڪڏهن کان آباد آهي هنن جواب ۾ چيو ته اسانجي خيال ۾ آهي ته زمان نوح عليه سلام کان وني ايهڙِي طهرح آباد آهي وري پنجن سون ورهن گزرڻ کان پوءُ انهين شهر ۾ ويس ته چا ڏسان ته سجو شهرويران ۽ برباد آهي فقط ريدار ۽ دنار ان شهر جي اس پاس نظر ۾ آيا جيڪي ڪکايون پونگڙيو اڏيون وٺياهوا انهن کان پڇم ته هي شهر ڪڏهن کان وٺيوران ۽ برباد آهي هنن ٻڌايو ته نوح عليه سلام کان انهين حال ۾ آهي وري پنجن سون ورهن کان پوءَ انهين دنڌ ويس ڏٺم ته سمنڊ جاري آهي ٽوٻا سپون ۽ موتين ڪيڻ ۾ مشغول هوا انهن کان احوال پڇم هنن چيو ته شايد حضرت نوح جي زماني

ڪان وني هي سمنڊ جاري آهي ۽ وري وري پنجن سون ورهن
گزرڻ ڪان پوءَ اتي ويس ڏٺم ته سمنڊ سڄو جهنگل ٿي ويو هو
جهنم جانور ۽ پکي پي گهميان جاءَ بجاءِ ڊنيو ۽ ڊورا هئا ماڻهون
ننيڙن پتلين ۾ مڇون مارن ۽ پکين جو شڪار ڪنمون پڇو مان ته
هت جو دريا ذخار هو اهو ڪيڏي ويو چا ٿيو هنن چيو ته سبحان
الله اسان پهنجن وڏن ڪان نه ٻڌو آهي ته هت درياءُ يا سمنڊ هو
وري پنجن سون ورهن گزرڻ بعد اتي ويس ته اهو ساڳو شهر آباد
آهي هنر ۽ واپار ۾ اڳئن ڪان وڌيڪ رونقدار ڏٺم اتي جي
رهاڪون ڪان پڇم ته هي شهر ڪڏهن ڪان آباد آهي هنن چيو ته
هي شهر نوح عليه سلام ڪان وني آباد آهي وري پنجن سون
ورهن بعد اتي ويس چا ڏسان ته سڄو شهر اونڌو ٿيل آهي
مهنجائنس دوهون جاري آهي ڪنهن به انسان کي اتي ڪون ڏٺم
هڪ شخص پيرسن کي اتي ڏٺم پڇومانس ته هن شهر جو چاحال
آهي ان پيرسن چيو ته ٻڌندا ٿا اچون ته حضرت نوح عليه سلام
ڪان وني دونهون جاري آهي حضرت خضر عليه سلام ٿو فرمائي
ته دنيا جي جهان ۾ هن وڌيڪ تعجب جهڙي ڳالهه مون نه ڏني پوءَ
اي انسانو پوءَ جيڪڏهن خيال ڪجي ته دنيان هڪ شبات تماشي
جي جاءِ آهي جيئن بازيگر هڪ گهڙي جي لاءَ ڪجهه تماشو ۽
بازي ڪري ڏيکاري ان جي دهلڙِي تي ماڻهون گڏ ٿين ڪيل ۽
چرچو ڏسڻ ۾ اچي وري بازيگرهليو وڃي پوءِ اها جاءَ خالي جو
خالي رهجي وڃي تهنڪري انسان کي لازم آهي ته هر وقت خدا
جو خوف ڪري هي جهان فاني آهي هت رڳو گهڙي جو مڪان
آهي خدا عمل نيڪ هجن ڪيڏو به انسان گنهگارهجي مگر سچي
دل سان توبهن ٿو ڪري ته هنجا اوهي وڏا گناهن معاف ٿي وڃن

جئين حضرت حر بن يذيد رحاحي جي توبهن قبول ٿي پهريا ۽
ڪيڏو نه گنهگار هو جو حضرت امام حسين عليه سلام جا سپ
رستا روڪي ڪربلا جي برپٽ ۾ آندائين چياءِ ته اي حضرت امام
حسين عليه سلام مان توکي ڪيڏانهن به وڃڻ نه ڇڏيندس ۽ بي
ادبي ڪري حضرت امام حسين عليه سلام جي گهوڙي جو لغام
پڪڙياءَ تاريخ طبري ۾ ذڪر آهي ته امام ته حضرت امام حسين
عليه سلام آخري تقرير عمر سعد ڪي ڪرڻ فرمائي پهرياءَ حمد
باري تعليٰ ان مالڪ حقيقي جي بجا آڻي پور هنڪي ۽ هنجي
لشڪر جي سامهون هن طرح فرمايو وري حضرت خاتم الانبيا
حضرت محمد مصطفٰي صلي الله عليه وآله وسلم ۽ ملائڪ
مقربين ۽ انبياءَ مرسلين جا قول ۽ هدايتون بيان ڪيون ۽ انهن
تي درود موڪليائون پوءَ حمد ۽ تعريف جي ذڪر سان گڏ معرفت
وارا نڪتا بيان فرمايائون جهن کي خدا تعاليٰ چاڻي ٿو راوي ٿو
چوي ته خدا جو قسم َآهي ته مان اهڙِي ڪڏهن به تقرير حضرت
امام حسين عليه سلام جي نه ٻڌي هئي انڪان اڳ متڪلم يا خطيب
ڪيترا ٿي گذرايا آهن آخر ۾ حضرت امام حسين عليه سلام فرمايو
اي انسانو توهان مهنجي حسب نسب تي لحاظ ڪريو سو چو
سمجهو ته مان ڪير آهيان وري به پهنجي دل ۾ غور ڪري ڏسو
پهنجي نفس تي ملامت ڪريو مهنجي عيال اطفال جو ڪاڏو پيتو
بند ڪرڻ ڪهڙي طرح ٿا جائز سمجهو چا مان اوهانجي نبي جي
نياٽي جو فرزند نه آهيا چا يا مان اوهانجي نبي جي سوٹ علي جو
فرزند نه آهيا چا جهن سپ کان اڳي اسلام قبول ڪيو آهي جهن
سپ کان پهريائين دعوت رسالت ۽ حڪم خدا وندي جي تعريف
ڪئي پوءَ حضرت حمزو عليه سلام سيد شهدا مهنجي بابي ۽ ناني

محمد مصطفٰي جو چاچو نه چا ۽ جعفر طيار مهنجو چاچو نه آهي مهنجو ڀاءَ حسن ۽ مون لاءَ حضور نه فرمايو هو ته حسن ۽ حسين بهشت جي جوانن جا سردار آهن مهر نبوت تي اسان کي ڇاڙي مدينه منور جون گهٽيو ڪري گهمائندا هوا جيڪڏهن هن مهنجي ڳالهه تي اعتبار نٿا آڻيون ته اجان نه اصحاب رسولالله جا موجود آهن انهن کان پڇي ڏسو ۽ تصديق ڪريو جابر بن عبدالله انصاري ٻيو ابو سحيد حزري ٽيون سهل بن سعد چوٿون زيد بن ايقم پنجون انس بن مالڪ انهن کان پڇو ته اهيا حديث سچي آهي يا نه تاريخ ڪامل ۾ آهي ته وري حضرت امام حسين عليه سلام عمر سعد جي لشڪر ڏانهن مخاطب ٿي فرمايو ته اي ڪوفيون ۽ شاميو مان توهانجي نبي جي نياڻي جو فرزند آهيان انهين ۾ شڪ اٿو ته خدا عزوجل جو قسم ڪٽان ٿو ته اوپر ۽ اولهه تائين مونکان سواءِ ڪوبه ٻيو توهانجي نبي جي نياڻي جو فرزند ڪونه آهي اي گروه شقي توهان مهنجي قتل لاءَ ڇو تيار ٿيا آهيو مان ڪو توهانجو ماڻهون قتل ڪيو آهي يا توهانجو مال ضائيه ڪيو اٿم يا ڪنهن کي زخمي ڪيو اٿم جهنجو عيوض مونکان وٺو ٿا راوي ٿو چوي هن تقرير کي ٻڌي سڀ چپ چاپ ۾ اچي ويا ڪنهن نه جواب نه ڏنو تاريخ طبري ۾ آهي ته جڏهن حضرت امام حسين عليه سلا دشمنن جي ظلم جي بي انتها شقاوت ڏٺي تڏهن قران جي هي آيت پڙهيائون جهن جي هي معنٰي آهي يعني تڪبر ڪندڙن کي خدا جي پناه نٿي بچائي جي قيامت جي ڏيهن

تي ايمان نٿا رکن تاريخ ڪامل ۾ آهي ته زهير بن قين هٿيار ٻڌي گهوڙي تي چڙهي صف لشڪر مان اڳتي وڌيو هن مخالف لشڪر جي طرف منهن ڪري چيو ته اي اهل ڪوفه هر مسلمان کي حق

ته ٻئي مسلمان کي نصيحت ڪري اسان ۽ توهان هڪ دين هجڻ
جي دعوا ٿا ڪريون اجا تائين ڀائر آهيون جيستائين توهان ۾ ۽
اسان ۾ ترار نه هلي نه توهانجو گروه جدا آهي نه اسانجو ڪنن
کي کولي ٻڌو خدا اسان ۽ توهانجي آزمائش پهنجي نبي جي زريت
سان ڪرڻ گهرندو آهي تان ڪ هن ڳالهه تي نظرڪري ته اوهان
۽ اسان ڪهڙِي طرز اختيار ٿا ڪريون بس مان توهان کي ذريت
نبي جي نصرت تي آماده ٿو ڪريان ٻيو ته عبيد ابن زياده طاغي
کي ڇڏي ڏنو ڇو ته عبيد ابن زياد ۽ عمر ابن سعد مان اوها کي
نفع نه ملندو جو اوهي ٻئي

اهڙا آهن جو توهان جا هٿ پير وڍي ڏار ڪندا اوهان کي دار تي
چاڙهي ڦاسي ڏئي ڇڏيندا اهڙي طرح قتل ڪرائندا جيئن حجر ابن
عدي ۽ هاني بن عروه ۽ انجي سنگتين کي قتل ڪيو هيائون هي
ٻڌي عمر سعد جي لشڪر زهير کي ناشائتا لفظ ڳالها ئڻ شروع
ڪري ڏنا عبيد ابن زياد جي تعريف ۾ مدا خوان چوڻ لڳا وري
چوڻ لڳا ته اي زهير توسان ۽ تهنجن ساٿين سان ايترو لڙندا
سون جو دم به نه پٽيندا سون ۽ تهنجي آقا امام عليه سلام کي به
قتل ڪندا سون حضرت ظهير وري ڪين چيو ته اي گروه خدا جا
ٻانهوءَ فاطم جو فرزند هنده جي پٽ کان مدد ۽ وفا داري ۾ گهڻون
مسحق آهي پر جيڪڏهن هنجي مدد نٿا ڪريو ته ان جي قتل کان
باز اچو ۽ خدا قهار کان ٻچو انهين چوڻ تي شمر ملعون حضرت
ظهير کي هڪ تير هٽي چيو ته چپ ڪر ظهير بن قين شمر ملحد
کي چيو ته توکي عذاب اليم جي بشارت هجي شمر چيو اي ظهير
تون ۽ تهنجا آقاهاٽي جو هاٽي قتل ٿيندا ۽ تهنجو امام به ظهير
چيس اي احمق ڪتا اي ابلق ڪتا تون اسانکي موت کان نٿو

ٻيچارين خدا جو قسم آهي اسان کي حسين جي رفاقت ۾ مرڻ
هميشه جي زندگي کئون وڌيڪ پيارو آهي مورخ ابن جرير طبري
لکي ٿو ته امام عاليٰ مقام جو انهين خطبه جو اثر حربن يذيد
رحاحي جي دل سعادت منزل تي اهڙو ته ٿيو جو هو گهوڙي تي
سوار ٿي عمر سعد ملعون وٽ آيو چوڻ لڳس ته خدا توکي هدايت
ڏئي چاتون حسين سان ضرور جنگ کندين عمر سعد چيو ته
هائو خدا جو قسم اهڙو لڙندس جو ڌڙن کئون سر جدا کري
ڇڏيندس حرّ فرمايو ته اي بدبخت جيڪا هئنير حسين تقرير
فرمائي آهي ۽ جيکو تهنجي اڳيان فرمايو اٿس انهن مان کوبه
لفظ قابل قبول آهي يا نه عمر ملعون جواب ڏنو ته جيکڏهن هن
تهنجي حکومت ها ته مان انهن امام جي تقريرن تي ويچار
کريان ها هاڻي چاکريان ابن زياد جي حکم کي مٽائي نٿو
سگهان تاريخ کامل ۾ آهي ته عمر سعد جو اهيو

جواب ٻڌي هوريان هوريان امام پاک جي طرف

وڌيو ان وقت حر جي عجيب حالت هئي سندس سڄو

جسم ڏکي ۽ لرزي رهيو هو حر کي چيو اي حرّ هئينر مان
تهنجي حالت ڏسي مونکي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي چو ته مان
تهنجي کيفيت ڏسي رهيو آهيان اهڙي تهنجي حالت کنهن به
لڙائي ۾ مان ڏني آهي اي حرّ فوج جاسپه سالار مونکان کو
پڇندوآهي ته شام عراق ۾ نامور پهلوان کير آهي چوندو آهيان
ته شام ۽ عراق ۾ حرّ جهڙو زبردست بهادر بيو کونهين کو حرّ
جواب ۾ چيس ته ٻڌ مان هنوقت پهنجي نفس کي هن امر ۾ بي خبر
سمجهانئو ڏسانئو ته جنت ۾ وڃان يا دوزخ ۾ هاڻي مان بهشت

اختيار ڪيو توڙي مهنجو جسم ٽڪرا ٽڪڙا ڪري ڇڏيندا يا ساڙي ڇڏين ائين چئي حرّ پهنجي گهوڙي تي سوار ٿي چانڪ هينون سڌو امام عاليٰ مقام جي حضور ۾ حاضر ٿيو چوڻ لڳو مولا هي بندو گنهگار توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهي خدا شال توهانجي هٿان فدا ڪري يا ابن رسول الله مان اهو حرّ آهيان جهن هت توکي ڪربلا جي رڻ پٽ ۾ آندو آهي ۽ پٺ تي موٽڻ نه ڇڏيم ۽ مجبور ڪري مان پاڻ سان وٺي هت آيس خدا جو قسم آهي اهي ڪافر نصيت نه وٺندا نه انهن ڪي نصيت نفو ڏيندي آهي ماڻهون بدبخت بي نصيب آهن مان انهين ڪري توهانجي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان ته مهنجا گناه هن معاف ٿين ۽ موڪان وڏيون غلطيون ٿيو آهن سي معاف ڪريو ته مان مرڻ تاءِ توهانجو ساٿ ڏئي سر قربان ڪريان ۽ مهنجي توبهن قبول ڪريو اي مهنجا آقا امام مهنجي توبهن قبول پوندي

يا نه امام سائين فرمايو ته اي حر بيشڪ تهنجي توبهن قبول خدا تعاليٰ قبول فرمائندو تاريخ ۾ لکيل آهي ته ان وقت حر جا هٿ پٺي پويان ٻڌل هئا مٿي پيرين اگهاڙو هو امام جي قدمن تي ڪري پيو ۽ معافي گهريائين روضته الا حجاب ۾ آهي ته جڏهن حر عليه سلام امام عالي مقام جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته هڪ دم گهوڙي تان لهي امام جي قدمن تي ڪري پيو ۽ معافي گهريائين عرض ڪيائين ته اي فرزند رسول مونکي گمان هو ته هي ماڻهون توهانجي قتل کان باز ايندا مان سمنجهدو هوس ته آخر اوهان سان صلح ڪندا مگر اڄ مانانهن جي شقاوت ۽ ظلم ڏسي توهان جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو آهيان هي ڪنهن به ڳالهه تي غورويچا نه ڪندا هاڻي مهنجي توبهن قبول فرمايو حضرت امام

مضلوم حضرت حر جي منهن تي هٿ ڦيري فرمايو ته اي حر بندو
ناچيز خدا جو ڪيڏو به گناهن ڪري ٿو ليڪن جڏهن توبهن ۽
استغفار پڙهي ٿو ته هنجي توبهن خداوند ڪريم قبول فرمائي ٿو
اي حر هنڪان اڳم جيڪي به تهنجون غلطيون ٿيو آهن مان انهن
کي معاف ڪيو حر چيو الحمدالله آمين وري حر امام پاڪ جي
حضورم عرض ڪيو ياِمولا مان جڏهن توهانجي وڙهڻ لاءَ
نڪتوهوس ته مونکي آسمان کان آواز آيو ته اي حر توکي
منبارڪ هجي مان چيو ته مان فرزند رسول سان لڙڻ لاءَ ٿو
وڃان هي سبب ڪهڙو آهي آخر سچي رستي ۾ مونکي مرحبا
مرحبا جا آواز ايندا رهيا انهين کا اڳ ۾ مان گهر ۾ هوس ته مون
پهنجو بابو خواب ۾ ڏٺو جهن چيو ته پٽ شاباش جلدي امام جي
حضور ۾ حاضر ٿي سر قربان ڪر يا امام هاٽي مونکي جنگ جي
اجازت ڏيو ته اول مان سر قربان ڪري قدمن تان قربان ٿيا امام
فرمايو حر تون مهنجو مهمان آهين مان توکي موڪل ڪئين ڏيان
ٻي روايت ۾ آهي امام حر کي فرمايو ته اي حر تهنجو نالو ماءُ
نيڪ رکيو آهي جو هت بي آزاد آهينۓ آخرت ۾ بي آزاد آهين
عبدا الله بن مسلم کان روايت آهي ته ايتري ۾ عمرسعد پهنجي
لشڪر مان نڪري امام عالي مقام جي روبرو پهنجو نيشان
کوڙيوۓ عمر سعد هڪ تير پهنجي ڪمان ۾ رکي امام احسين جي
لشڪر ڏاهنهن هنيون پهنجي لشڪري چياءَ ته توهان شاهدي
ڏجو جومان پهريون اهو شخص آهيان جهن امام جي لشڪر تي
پهرياءَ تير اندازي ڪئي ان کان پوءَ عمر سعد ملعون جي لشڪر
تير وسائڻ شروع ڪري ڏنا دمع ساقبه ۾ آهي ته امام حسين جي
تقرير کانپوءَ حر امام جي طرف آيو هلڻ وقت هن پهنجي چاچي

جي پٽ قره ؑ پهنجي پٽ علي ؑ پهنجي غلام سان صلاح ڪئي هنن به اهيائي صلاح ڪئي اسان بي امام پاڪ تان سر قربان ڪندا سون اهي بي همراه ڪري امام حسين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو چيائين ته يا ابن رسول الله پهريائين مان اوهان نجو جاني دشمن هوس هاڻي به پهريائين مونکي موڪل ڏيو اسان چارئي تهنجي قدمن تان سرقربان ڪريون علام مجلس ثوفرمائي ته عمرسعد حر کي امام جي لشڪر ۾ ڏسي صفوان بن خطله کي چيو ته حر کي نصيحت ڪري هيڏي وٺي اچ نه اچي ته سر تن کان جدا ڪري ڇڏينس صفوان آيون ؑ حر کي نصيحت ڪرڻ لڳو ته تون ايڏو وڏو داناءُ عقل وارو ٿي امير يذيد کان ڇو ڦريون آهين حر جواب ڏنو ته اي صفوان مونکي تعجب آهي ته تون عقل جي برخلاف ڳالهيون ٿو مونکي ٻڌائين تون نٿو ڄاڻين ته يذيد ملعون ناپاڪ فاسق فاجر شرابي دين آهي

ؑ امام حسين پاڪ پاڪيزو معصوم علي جوفرزند رسول الله جو ڏوهٽو فاطم زهرا جو فرزند آهي ؑ رسول الله انکي ريحان فرمايو آهي ؑ انکي مهر نبوت تي سوار ڪيو اٿن ؑ انکي چميون ڏيندا هوا صفوان چيو اهيو ٺيڪ آهي مگر مال دولت ته يزيد وٹ آهي اسان سپاهي آهيو اسان کي دنيان دولت کپي حرفرمايو اي صفوان چاٽي واٽين ٿو دوزخ قبول ڪرين صفوان غضب ۾ اچي حر کي نيزو هنيون حر هنجي وار کي رد ڪري انهين گرمي ۾ صفوان کي نيزي جي چوٽي اهڙي ته هئين جو هن جي پٺي مان ٻاهر نڪري آئي تهنڪانپوءَ صفوان کي ماري حر دشمنن جي لشڪر تي ايڏو ته حملو ڪيو جو سندس نيزي جو ڦر پڃي پيو نيزي جي پڃڻ کان پوءَ ترار مياڻ مان ڪيڍي اهڙي ته ترار هلايائين جو دشمنن جا

مٿا ۽ ٻاهون عضوا ڪينهوڙن وانگر ڏنا ويا ٿي ايتري ۾ دشمنن تيرن جو مينهن وسائڻ شروع ڪري ڏنو شمر ملعون پهنجي لشڪر کي حڪم ڏنو ته سڀ گڏ ٿي حرّ تي حملو ڪريو پوءَ عمر سعد جي لشڪر چيئني طرف کان گهيرو ڪري ورتو آخر انن ڪنعان جي پٽ ملعون حرّ کي اهڙو ته سيني ۾ نيزو هينون جو حرّ سخت زخم کائي گهوڙي تان ڪري پيو چوڻ لڳو يا فرزندرسول الله مهنجي خبر لهو امام عالي مقام هڪدم گهوڙي تي سوار ٿي حرّ وٽ پهتو حر جو سر پهنجي هنج ۾ ڪري پهراڻ جي پلو سان من جي منهن تا مٽي ۽ رت ٿي اگهيائون حرّ اکيو کولي امام جي هنج ۾ پهنجو مٿو ڏسي چيائين يا ابن رسول الله هاڻي ته راضي آهيو امام فرمايو اي حرّ مان مان بي راضي مهنجو نانو بابو به راضي ايترو ٻڌي سندس روح بهشت برين ڏانهن پرواز ڪري ويو

انا لله وانا اليه راجعون

مجلس شهادت حضرت عباس علمبردار

حضرت امام جعفر صادق عليه سلام فرمائن ٿا ته جو انسان مومن زيارت ڪربلا ۾ خيمگاه جي جمع جي ڏيهن ڪندو ته جڏهن هي دنيان ڇڏيندو ته هنجي دلم ۾ مرڻ وقت غير خيال ياتمنا ئون دل ۾ نه رهنديون ۽ بهشت برين ۾ امام حسين جي قدمن ۾ رهندو راوي ٿوچوي ته مونکي جيڪڏهن خوف هجي ته ماڻهون حج ترڪ ڪندا ته مان هڪ حديث تنجي سامهون نقل ڪندس ته ڪڏهن به حسين جي زيارت ترڪ ڪندا جهن مهل جهن ساعت ۾ زوار

ضريح اقدس تي پهچن ٿا ته روضو منبارڪ زوارن سان ڀريل
ئي پريل هوندو آهي جڏهن هن ضريح اقدس جي ويجهو ويندا آهن
ته ڪڏهن به اهڙو اتفاق نه ٿيندو هوندو جو زوارن کان روضو
پاڪ خالي ٿيو هجي رات جي پهرين پهر کان پوئين پهر تائين
زوارن سان ڀريل هوندو آهي ۽ رات جا ڏيهن اندر ٻاهر آواز هاءَ
حسين هاءَ حسين جو هوندو آهي ۽ اسلام يا ابا عبد الله اسلام يا
ابن رسول الله جي وائي ننڍي وڏي کان ٻڌي ٻي آهي هر وقت
فريادو فغان نالئه زاري هوندي آهي اتي هر وقت عاشور ۽
سپڪنهن رات شهادت حسين آهي يا خدا وندا اسان سڀني کي
زيارت حسين پاڪ جي نصيت ڪر ضريح منبارڪ جو طواف
ڪري روئون ۽ سجو سال ڪربلا ۾ ماتمدار ٿي رهون سلام
مهنجو ان شهيد تي جو جهن پهنجي ڏاڙي منبارڪ کي خون سان
خضاب ڪيو سلام مهنجو انتي مهنجو سجو لباس رت و رت هو
اي مومنو اهو ڪير هو اهو توهانجو آقا سردار امام حسين هو
جو پهنجي ننڍڙي فرزند علي اصغر جي خون سان ڏاڙهي
منبارڪ کي خضاب ڪيو هاءَ اي حسين تهنجي شهادت ٻڌائڻ
وارو روضي رسول ۾ هن طرح خبر ٻڌائي ته اي رسول خدا جا
تهنجي فرزند نواسو شهيد ٿي ويو ۽ انجي جسم پاڪ تي گهوڙا
ڊچا يائون اي رسول تهنجي اهلبيت جا طنبو لٽيائون چاردرون
لٽيائون طنبن کي باهيون ڏنائون اي رسول خدا جا سر حسين جو
نيزي تي رکيائون حرمن پاڪن کي قيد ڪيائون انهين فرياد ٻڌڻ
سان روضي پاڪ ۾ جنبش آئي فرياد ياحسين جي شروع ٿي وئي
اندران آواز آيو هاءَ اي مهنجا سيني پليل حسين توکي ڪئين

شهيد ڪيائون مان ته پهنجي امت کي ذري ذري پارتون ڪيون هيون

ڪتاب ۾ لکن ٿا ته جڏهن حضرت عباس قداور گهوڙي تي چڙهندو هو ته حضرت جا قدم زمين چميندي هئي حضرت عباس وڏو پهلوان شهسوار هو ۽ وڏو حسن وارو جوان قداور هو ڪربلا جي جنگ وقت وقت ٽيهن ورهن کان ڪجھ مهينا گهٽ عمر جو هو جو پهنجي پاءُ امام حسين تان سر قربان ڪيائين انهين ڪري حضرت عباس کي ماه بني هاشم ۽ علمندار ۽ سقا اهلبيت به چون ٿا انهين ڪري جو عاشوري جي ڏيهن مشڪ امام حسين جي نياڻي بيبي سڪينه جي اها مشڪ پياسن تائين پهچي نه سگهي لکيل آهي ته عاشوري جي ڏيهن صبوح جو سويري عمر سعد جو لشڪر امام جي لشڪر جي سامهون آيو ته شمر ملحد سڏڪري چيو ته اي مهنجي پيڻ جا پٽو مهنجي اولاد ام البنين جي ڪٿي آهي اهيو بڏي جعفر عباس ٻاهر نڪري چيائون ته اي شمر چا آهي ڪهڙو ڪم آهي شمر شيطان چيو ته اي عباس توهان مهنجي پيڻ جا پٽ آهيو مهنجا ڀاڻجا آهيو

مونکي توهانجي جواني تي رحم ٿو اچي اج مان توهانجي جان بخشي ٿو ڪريا توهان کي امان ٿو ڏيان انهين شرط سان ته توهان حسين جو ساٿ ڇڏي مونسان گڏ جي هلو مان توهان کي عمر سعد ڏي وٺي ٿو هلان اي عباس هت تون علمدار آهين هت مان توکي فوج جو سپهه سالار ڪندس ۽ سردار مقرر ڪندس عمر سعد تو جهڙن نهادرن جو قدردان آهي توهان سان سٺي نموني سان پيش ايندو توهان اتي اج بک ۾ مري ويندو هت

توهانکي ڪاڏا پيتا طام ميوا لذيذ ملندا ۽ توهانکي شربت ٺڏا پاڻي پياريندا سي ابن زياد توهان کان بيحد راضي ٿيندو جڏهن هي تقرير چئين پائرن علي جي فرزندن ٻڌي تڏهن يڪ زبان ٿي شمر ملحد کي چياءُ ته اي ابلق ڪتا ملعون تهنجي ماءُ تهنجي ماتم ۾ ويهي تون اسان کي امان ڏيڻ آيو آهين تون فرزند رسول جي قتل جون تجويزون ٿو ڪرين توتي ۽ تهنجي ماءُ تي خدا جي لعنت هجي اسان اسد الله الغالب علي ابن ابيطالب جا فرزند آهيون اسان هاشمين جو اهيو رويو نه آهي جو رسول جي فرزند جو ساٿ ڇڏيندو شيطان جو ساٿ ڏيون اي ملعون تون ئي دل ۾ خيال ڪر ته تون پليد پٽ پليد جو ساٿ ڏين ٿو ۽ اسان امام حسين جا پائر ٿي ڪري اهڙي وقت مصيبت ۾ جداٿي ونجئون تون ابليس شيطان مردود آهين اسان سپ جو سپ اسمائيل آهيون اسان پهنجي پاءُ ابراهيم تي سر قربان ڪندا سي شمر اهيو جواب ٻڌي ذليل ٿي موٽي هليو ويو هي چارئي پائر فرزند علي جا جڏهن موٽي آيا ڏٺائون ته امام حسين طنبوءُ ۾ ڪونهين پڇا ڪيائون ته اسانجو اقا امام ڪٿي آهي اصحابن عرض ڪيو ته امام حسين روندو دولت سرا ڏانهن ويو آهي حضرت عباس غازي پهنجي پائن سو ذو امام عالي مقام وٹ پهتو ڏٺائون ته پهراڻ جي دامن سان اکين جا ڳوڙا اگهي رهيا آهن بيبي زينب ۽ ام ڪلثوم چئي رهيون آهن ته ادا چو ٿا روئو امام فرمايو ته ادي زينب هيئر شمر مائٽي جي ڪري عباس کي گهرايو آهي ۽ عباس کي امان ڏيڻ لاءَ آيو آهي اهيو ٻڌي مونکي نانو رسول خدا ياد اچي ويو آهي جيڪڏهن اهو جئرو هجي ها ته مهنجي مدد ڪري ها اهيو ٻڌي حضرت عباس ٻڪ ڪري حضرت حسين جي قدمن تي ڪري پيو ۽ روئي چياءَ

ته يا حسين ابن علي مونکي پاءُ نه سمنهجو بلڪي مان تهنجي
غلامن جو غلام پانهن جو پار آهيان شمر شيطان ائين چيو آهي ته
چا ٿي پيو ڪڏهن غلام به لاچجا آهن امام فرمايو ته مان پڌو آهي
اي عباس توکي امان ٿي ملي مگر توهان نٿا وجون ۽ مهنجي
رفاقت ۾ جان ٿا ڏيو اي عباس مان راضي آهيان امان فورن قبول
ڪر ۽ شمر سان گڏ جي هليو ونڃ ۽ فوج جو علم مهنجي پٽ علي
اڪبر کي ڏيوۃ هت اچ جو صدمون نه ڪٽون حضرت عباس فرمايو
ته اي مهنجا آقا امانم اي مهنجا مولا امام اي مهنجا بابي ڏاڏي
بجاءَ امام ائين مونکي نه چوۃ بي اختيار حضرت امام حسين جي
ڳيچي ۾ پاڪر پائي روئي ڏنائون امام به پاءُ غازي کي پاڪر پائي
روئڻ لڳو حضرت عباس فرمايو اي مهنجا آقا دعا ڪريو ته مان
تهنجي قدمن تان قربان ٿيان وري حضرت عباس پهنجي پينرن
زينب ۽ ڪلثوم وٽ ويو چيائين ته هن غلام جي امام وٽ سفارش
ڪريو اي امان سڪينه پهنجي بابي کي چئو ته مهنجي تقرير
معاف ڪريو تون پهنجي هن چاچي نا چيز جي شفاعت ڪر سيئي
بيبيون سر منهن پٽي رهيون هنيون اهيو حال ڏسي سيدن جا ننيدرا
پار روئي رهيا هئا آخر حضرت زينب امام حسين کي فرمايو ته ادا
حيسن هاڻي صبر ڪريو جو ننيڙا پار روئي رهيا آهن آخر امام
پاڪ دولتسرا مان ٻاهر نڪتو حضرت عباس نه پهنجي پاءُ جي
پويان با ادب گڏيو ٿي آيو لڪيل آهي ته يارن دوستن امام پاڪ تان
سر فدا ڪيا انکان پوءَ قريبن جي نوبت آئي سپ واري واري سان
جنت ڏانهن راهي ٿيا حضرت حسين کان جنگ جي موڪل وٺندا
ويا امام اجازت ڏيندو ويو جڏهن يارن انصار سپ شهيد ٿي چڪا
ته ان وقت حضرت عباس عرض ڪيو ته اي مهنجا آقا مهنجو

جگر پرزا پرزا ٿي ويو آهي جو پائر ۾ دوست شهيد ٿي ويا آهن
هيئر مهنجو خون جوش کائي رهيو آهي اجازت ڏيو ته شهادت جو
شرف حاصل کريان ننيڙا ٻار اڄ کان هلاک ٿي رهيا آهن قاسم
جهڙو گلبندعون محمد جهڙا شهزادا اکين جي اڳيان کسي ويا
آهن تاريخ ۾ لکيل آهي ان وقت امام مضلوم اهڙي طرح رنو اهڙي
فرياد کئي جو کنهن به شهيد ٿيڻ وقت اهڙو بي تاب ٿي نه
رناهوندا آخر مجبورڻي فرمايائون ته اي مهنجا پاءُ عباس ٻارِڙا
اڄ کان هلاک ٿي رهيا آهن توهان مشک سکينه جي کڻي فرات
تان پري ٻارن ۽ سکينه کي پاڻي پياريو هي ٻڌي عباس امام جو
سلام کيو قدم چمي پوءَ فرات ڏانهن روانو ٿيو ۽ هن ملعونن
سان هن طرح گفتگوکيائون ته قوم جنا کار جيکڏهن توهان
جي نزديک اسان گنهگار آهيون ته رسول کريم جي ٻچڙن جي
کهڙي تقصير آهي انهن تي رحم کريو مونکي رسول جي فرزند
موکليوآهي ته بيگناهن معصومن لاءَ ٿوڙو پاڻي ڏيو ته انهن کي
رڳو پياريون آخر انجو جواب کنهن به لعين به ڏنو ائين چيءَ
حضرت عباس نهر فرات ڏانهن رخ کيو عمر بن حجاج فرات جي
پاڻي جو پهريدار هو ان کي چيائون ته تون پهنجي سردار کي چئو
ته عباس پاڻي کڻڻ آيو آهي هو چوڻ لڳو ته اسان کي سردار چيو
آهي ته جيستائين بيعت نه کندءُ تيستاءِ هک ڦڙو پاڻيجو نه
ملندو حضرت عباس فرمايو مان هئير آيو آهيان هتان خالي موٽي
وڃڻ مهنجي لاءَ وڏي شرم جي ڳالهه آهي جيکڏهن پئسن سان
پاڻي ڏيندءُ ته به وٺندس جيکڏهن ائين ڏيندءَ ته توهانجو احسان
سمجهندس جيکڏهن سر کشي کندءُ ته مان ترار مياڻ مان
کڍ ندس هنن مردا رن چيو ته پاڻي جي قيمت چا ڏيندس حضرت

عباس فرمايو ته جو به چوندءُ هنن چيو ته اها زره ڏيو حضرت فرمايو حاضر آهي وري چيائون ته پلا گهوڙو ڏيو فرمايون ته بسم الله حاضر آهي چيائون ته اهيو علم ڏيو اهيو ڏيندو ڏيندءُ ته پاڻي ملندو نه ته پاڻي ڪونه ملندو هي ٻڌي حضرت عباس روئي ڏنو فرمايائون ته هي امانت امام جي آهي مهنجو مال نه آهي هنن چيو ته بس علم ڏيندءُ ته پاڻي ڏيندا سون هي ٻڌي شجاعت حيدري جو ش ۾ آئي چهرو منبارڪ جوش کان ڳاڙهو ٿي ويو مگر غصه کي ثاري فرمايائون ته اي ظالمو مهنجي پائٽي سڪينه گهٽي اڃي آهي اڃ کان هلاڪ ٿي رهي آهي علي اصغر ننيڙو کير پياڪ اڃ کان تڙڦي رهيو آهي مان حيدر ڪرار جو فرزند آهيان ۽ ساقي حوض ڪوثر جو پٽ آهيان مونکي هڪ مشڪ پاڻي جي ڏيندءُ ته مان سوءُ مشڪ پاڻي جي محشر ۾ جام ڪوثر توهان کي ڏيندس اهيو ٻڌي ڪاري دل ظالمن ٻڌي اٽبڌو ڪري جواب ڏنو پوءُ هنن ظالمن تي ببرشير وانگر حملو ڪياءِ ۽ ساري لشڪر کي خوار خراب ڪري بچائي چڙيائين پوءَ گهوڙو وجي فرات نديءَ ۾ لاٿائين ان وقت حضرت عباس کي اڃ ڏاڍي هوئي ٻڪ پري پاڻي جو وات تي آندائين ته اڃ امام پاڪ ۽ سڪينه جي ياد اچي وجن دل ۾ چيائون ته جيستائين مهنجا آقا ۽ ان جا فرزند پاڻي نه پيندا ۽ اي عباس هي توکي پاڻي نه پيٽون آهي ائين چئي اهو ٻڪ پاڻي جو درياءَ ۾ اڇلي چڏيائين پوءَ مشڪ پاڻي جي پري وڏي شجاعت ۽ بهادري سان ٻاهر نڪتا ۽ طنبن جي طرف روانا ٿيا عمر بن حجاج عمرسعد کي چيو ته جيڪڏهن اهيا پاڻي جي مشڪ امام پاڪ جي طنبن تائين پهتي ته ياد رکجان ته حسين تي ڪڏهن به فتح نه پائيندين اهيو ٻڌي عمر سعد يڪدم لشڪر کي

جمع ڪيو ۽ چئني طرفن کان لشڪر دشمنن جو ڦري آيو تيرن
جو طوفان شروع ٿي ويو ترارن جا چمڪاٽ وچڻ لڳا تيرن نيزن
جي ڪڪرن هيٺان عباس هلندو رهيو چوڻ لڳو ته اي قوم يذيد
جفا ڪار مهنجو رستو نه روڪيو مهنجي سڪينه جي مون
منجهه نظر هوندي ته چاچواجهو ٿو پاڻي پياريرڳو هي مشڪ
پهچايان پوءُ مان موٽي ٿو اچان واعدو ٿو ڪيان پوءَ مونکي پلي
قتل ڪريو مان فرزند ساقي ڪوثر جو آهيان واعدي خلافي هر گز
نه ڪندس مهنجي قول تي عتبار ڪندءُ ته مان اوهان سان پوءَ
جنگ به نه ڪندس هنن جواب ۾ چيو ته مشڪ اسانجي حوالي
ڪريو ته پوءَ توهان جيڏاهن به هليا وڃنو پلي ونجون يامشڪ
جو منهن ڪولي پاڻي هاري ڊيڪاريو حضرت عباس فرمايو ملعونو
هي مشڪ سڪينه جي امانت آهي جيڪڏهن هي مشڪ سڪينه
تاءِ نه پهچائيندس ته مان ان وٽ شرمسار ٿيندس مگر هنن اهيا
ڳالهه نه منجي حضرت عباس ترار مياڻ مان ڪڍي جنگ ۾
مصروف ٿيو هڪ ملعون نوفل نالي هڪ ترار جو وارو ڪيو
جهن سجو هٿ ڪلهي منبارڪ کان وڍي وڌو حضرت عباس اها
مشڪ کٻي ڪلهي ۾ ڪئي هاءَ وري حڪم پٺ طعنيل ملعون هڪ
وڻ جي آڙ ۾ لڪو بيٺو هو هڪ دم وڌي کٻي ڪلهي واري ٻاهن ۾
ترار جو وار ڪيو اها ٻاهن بي جدا ٿي وئي حضرت عباس تڏهن
به فتي نه ڪئي اها مشڪ واٽ منبارڪ ڏندن جي سهاري جهليا
ئون گهوڙي کي فرمايائون ته گهوڙا جلد ڪر مونکي طنبن تائين
پهچا ته سڪينه کي هڪ دفو پاڻي پياريان ايتري ۾ تيرن جي
برسات ۾ مشڪ کي ٽنگ ٿي پيا تيرن لڳڻ ڪري مشڪ مان
پاڻي وهڻ شروع ٿي ويو حضرت عباس پاڻي بند ڪرڻ جي ڏادي

ڪوشش ڪئي مگر هٿ منبارڪ ڪٽي هئا جو پاڻي بند ٿئي ها
مشڪ منبارڪ مان پاڻي وهندو ڏسي زار زار روئي رهيا پڻ
پهنجا زخم ياد ئي ڪونه هين ٿوڙي وقت ۾ مشڪ خالي ٿي وئي
گهوڙي کي چوڻ لڳا ته اي گهوڙا هاڻي بيهي ره مونکي هاڻي
طنبن ڏانهن متان ڪٽي هلين سڪينه ڏسي چوندي ته چاچو سائين
پاڻي ڪٽي آيو آهي نا گاه هڪ تير ستم جو اچي سينه پاڪ ۾ لڳو
فرزند يد الله گهوڙي تان ڪري پيو ۽ سڏ ڪري چيائين اي ادا
ادرڪني هن غلام تهنجي قدمن تان سر فدا ڪيو اي مهنجا آقا
امام هن پانيهن جي خبر لهه هاءَ هاءَ جڏهن عباس جو امام سڏ ٻڌو
ته امام پاڪ جي ڪمر ٽٽي پئي چيلهه کي سندرو ٻڌي پاءَ جي
لاش تي آيو هاءَ عباس هاءَ عباس ڪري روئڻ لڳو چيائون ته اي
ادا مان تهنجي آسري تي ٿي گزاريو تهنجي هن وڇوڙي ماري
ڇڏيو توڪانپوءَ مهنجي ڪمر ٽٽي پئي اي ادا تون ته وڃنين سڪيو
ٿئين ونجين پهنجي ڏاڏي ناني سان گڏئين اي عباس ادا مهنجي
بابي ناني کي سلام چئجان ته تهنجي حسين سان ههڙي مصيبت
هئي انجي هلي مدد ڪريو ڏنائون ته عباس جي لاش مٿي ۾ رت ۾
ٻڏل آهي ۽ سنس ٻئي ٻاهون ڪپيل آهن عباس سر منبارڪ هنج
۾ ڪري زار زار رنائون ٿي روئڻ جو آواز ٻڌي عباس فرمايو اي
مهنجا َآقا سڪينه جي مشڪ ڏسو تيرن ۽ ترارن سان پرزا پرزا
ٿي پئي آهي ۽ عباس اهڙو ته بي وس ٿي پيو آهي جو مشڪ
طنبن تائين ته پهچائي سگهيو اي مهنجا سردار امام مهنجي لاس
طنبن ڏانهن ڪٽي متان هلو سڪينه چوندي ته چاچي سائين مهنجي
لاءَ پاڻي نه آندو مان ان کي پاڻي پياري نه سگهيس ٻيو ته مان
جڏهن پئدا ٿيو هويس ته اڳم توهان جي زيارت ڪئي هيم هاڻي

مرڻ مهل به تهنجو ديدار ڪري هن دنيان مان رحلت ڪريان اي مولا مهنجي اکين ۾ رت پيو آهي اهو ڪيو ته مانتهنجي آخري صورت ۽ زيارت جو شرف حاصل ڪريان حضرت حسين پهنجي دامن جي عبا سان حضرت عباس جي اکين وارو خون صاف ڪيو حضرت عباس پهنجي پاءُ آقا امام جي آخري زيارت ڪري رحلت فرمائي لکيل آهي ته انوقت حضرت حسين پهنجي پاءُ عباس کي فرمايو ته توهان اڄ ڏيهن تاءِ ادا ڪري نه ڳالهايو اٿو هاڻي هنمهل هڪ دفعو ادا ڪري ڳالهايو ۽ کهڙي وقت کانوڻي تمنا مونکي رهي آهي آقا امام آهين مون پانهين کان اها بي ادبي نه ٿيندي توهان فاطم جا فرزند علي جا نازنين محمد جا نيڻ ٺار مان ام البنين جو پٽ مهنجي بابي علي مرتضيٰ مونکي توهان جي غلامي ۾ بخشيو آهي ائين چئي حضرت عباس باغ ارم ڏانهن راهي ٿيا علم ۽ مشڪ کڻي امام خيمن ۾ آيو فرمايائون اي زينب اي ڪلثوم اي سڪينه تهنجو چاچو تو لاءَ مشڪ دريا تان پرن ويو هو اهو به ته شهيد ٿي ويو پوءَ علم پاڪ صحن ۾ هڻي اهل عصمت بيبن حلقه ٻڌي عباس جي لاش مٿان ماتم ڪيو روج ۽ ماتم شروع ٿي ويو هاءِ عباس هاءَ جي صدا خيمن ۾ شروع هئي

لعنته الله يذيد وعلا قوم يذيد

ہم فقیرو کو نہ تخت و تاج چائے بس کربلا کی خاک کا تھوڑا سا بستر چائے

مجلس امام جو سفر ۽ داخلا اهل حرم جي يزيد جي درٻارم

يا ايهاالناس خدا تعاليٰ انسان جي هدايت وا صطي نبي ۽ پيغمبر موڪليا انهي ڪري صورت ۽ سيرت ۾ هم جنس انسان هوا ۽ انهين لاءَ انهن کي خلقت انساني ۾ پيدا ڪيو ويو ته ماڻهون بوجه هم جنسي انسان محبت رکن ۽ انهن وٽان هدايت حاصل ڪن جيڪڏهن هن ٻي جنس مثلا ملائڪ وغيرو موڪليا وڃن ها ته انسانن کي غير جنسي جي ڪري خوف ۽ ڊڄ ٿئي هاءَ محبت ته ڪن ها ۽ انهن پيغمبرن کي معجزا عطا فرمايا ويا ڪنهن پيغبر مائل کي جئرو ڪيو ڪنهن پيغبر لوهه کي ميڻ ڪيو انهن مان زرهو ٺاهيون ويو ڪنهن سڪل لٺ مان ازدهان نانگ بنايو ڪنهن نبي باهه مان گل گلزار ڪري ڇڏيو ڪنهن پيغبر انڌن کي ديد ڏني ڪنهن نبي چنڊ کي ٻه اڌ ڪري ڏيکاريو غرض ته هر هڪ نبي ۽ پيغبر کي معجزا ڏنا ويا انهين ڪري ته ماڻهون نبين ۽ پيغمبرن سان مهبت ڪن ۽ معجزا ڏسي سچي راهه اختيار ڪن انهن پيغبرن کي طرح طرح جي تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو جو هو حجت خدا وند ٻانهن تي پوري ڪن ۽ ثابت قدم رهن چو ته ماڻهون پيغبرن جا معجزا ڏسي انهن کي

خدا نه چون ۽ خدا نه سمجهن جهڙي طرح قوم نصير علي المرتضيٰ جا معجزا ڏسي خدا چوڻ لڳا بس ايهڙيطرح خدا تعاليٰ پيغبر ن کي خلقت انساني مان پيدا ڪيو ۽ طرح طرح جي تڪليف ۾ مبتلا ٿيا ته هو هر حالت ۾ صبر ۽ شڪر ڪن پڏائي ۽ تڪبر نه ڪن حيف هجئي ان اهل دنيا تي جو هنن ڪجھ قدر نه ڪيو ۽ سچو رستو اختيار نه ڪيائون بلڪ هرهڪ نبي ۽ پيغبر کي تڪليف ۽ ايذا ڏنائون ۽ خدا وند جي حڪم جي بد خلاف هليا ڪنهن نبي کي باھ ۾ ساڙيو ويو ڪنهن کي ڪرٽ سان چيرايو ويو ڪنهن نبي کي جئرو دفن زمين ۾ ڪيو ويو ۽ انهن جي اولاد کي تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيائون سيد المرسلين محمد مصطفٰي جي گهراڻي جي امت ايهڙي ته برباد ڪئي ته برباد ڪئي جو اج تاءَ اهو گهراڻو آباد نه ٿيو لڪيل آهي ته علي مرتضيٰ عليه سلام جڏهن هن دنيان مان رحلت فرمائي ته ماڻهن امام حسن عليه سلام جي بيعت ڪئي جڏهن هئي خبر معاويه کي پهتي ته سٺ هزار فوج وٺي عراق ۾ پهتو هو ڏهن امام حسن عليه سلام به خبر ٻڌي چاليه هزار فوج سان مدائن ڏانهن روانو ٿيو مدائن ۾ ڪجھ آرام فرمائي عام خاص سان مخاطب ٿي فرمايائون ايهناس اي انسانو توهان مون سان انهين

شرط سان بيعت ڪئي آهي ته اسان هر وقت صلح ۾ جنگ ۾

توهان جا فرمان بردار ٿي رهندا سون مونکي ذات ذولجلا ل جو

قسم آهي ته مون کي ڪنهن به شخص سان نفساني دشمني ڪانه

آهي مشرق کان مغرب تاءَ جاچي ڏسو ته مان ڪنهن کي به نه

آزاريو را ڏکايو آهي مان صلح ۽ دوستي ۽ اصلاح بهتر ڇاڻندو

آهيان اهيا تقرير ٻڌي ماڻهن هي نتيجو ڪيو ته شايد پاڻ امام حسن عليه سلام معاويه سان صلح ڪري خلافت انکي ڏيندو

ماڻهون اٿي کڙا ٿيا ۽ سڄي لشڪر ۾ بگيڙو پئجي ويو ۽ خارجي چوڻ لڳا ته ڪفر الحسن امام حسن عليه سلام ڪفر ٿو ڪري پوءَ حضرت امام حسن عليه سلام جا ٽيڙ مال اسباب لٽي

کڻي ويا ڪلهن منبارڪن جي چادر تاءَ به نه ڇڏيائون ۽ نماز جو

مصلو به کڻي ويا صرف قوم ربيع ۽ مصمد ان جي سندن حمايت

ڪئي پاڻ پوءَ مدائن ڏانهن روانا ٿيا رستي ۾ هڪ خارجي انڌي

امام پاڪ کي زخمي ڪري وڌو جڏهن امام پاڪ مدائن ۾ پهتو

تڏهن معلوم ٿين ته معاويه انباز ۾ اچي لشڪر سميت پهتو آهي ۽

قيس بن سعد جو سپ کان پهريائين امام حسن عليه سلام جي بيعت ڪئي هئي امام جي طرفان عامل هو انجو معاويه جي

لشڪر محاصرو ڪيو يعني گهيري ۾ آندو هي ٻڌي مدائن مان

اڳتي وڌيا نه عبدالله بن عامر مدائن ڏانهن آيو عي با اواز بلند

چيائين ته مان معاويه جو ماڻهون اهيان مهنجو غرض جنگ
ڪرڻ سان نه آهي ۽ معاويه هڪ حماعت گهٽي لشڪر سان
انباز ۾ پهتو آهي امام سائين ڪي مهنجا سلام چئجو ۽ مهنجي
پاران عرض ڪجو ته توهان ڪي قسم ٿو ڏيا ته توهان لڙائي ڪان
ڪان پاسو ڪجو ۽ پهنجي دوستن ڪي هلا ڪت ۾ نه وجهجو امام
پاڪ جي سپاه تمام ٿورا هئي جنهن مهل هئي ٻڌائون ته انهني
تي خوف غلبو ڪيو سپني يڪ زبان ٿي لڙائي ڪان انڪار ڪيو
لاچار امام حســن عليه سلام مدائن مان مرا جت فرمائي ابن عامر
امام حــــسن ۽ ان جي سپاه جو تعاقب ڪيو امام حــــسن عليه
سلام پهنجي سپاه جي بزدلي ڏسي معاويه ڏانهن هن مضمون جو
خط لکيو ته جيڪڏهن تون ڪتاب خدا ۽ سنت رسول جي موافق
خلق سان هلندين ۽ خلق خدا جي مال جان جي حفاظت جي
ذميواري تهنجي رهندي ۽ عراق شام ۽ يمن وغيره جا ماڻهون
تهنجي شرع غداري ڪان امن ۾ رهندا علي عليه سلام جي شيعن ۽
انهن جي اڳواڻن تي سب لعنه جي ترغيب نه ڏيندين ۽ اهل رسول
۽ ان جي آل ڪي ضرر نه پهچائيندين ۽ هرهڪ آدمي جو حق ادا
ڪندين اهي سڀ ذميواريون ڪٽندين ته فبها نه ته تهنجي دفع
ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪندس جڏهن هي خط معاويه ڪي پهتو تڏهن

پڙهي اهي سڀ شرط قبول ڪيائين لکي موڪليا ۽ ته اهي شرط
سڀ مونکي قبول آهن باقي هي مهنجي درخواست آهي ته امام
حـــيسن عليه ســلام ڪــي چئو ته مهنجي بيعت قبول ڪري
امام پـــاڪـــ جواب ڏنو ته حـــسين سان بيعت جـــي
خواستگاري نه ڪجان اهو بيعت تهنجي هرگز نه ڪندو
اسيتاءَ جو هو شهيد ٿي وڃي روايت ۾ آهي ته بهد صلح جي
معاويه لعين امام حســـن عليه سلام ڪـــي چيو ته منبر تي
چڙهي انهين امر کي ظاهر ڪيو ته مان خلافت حضرت امام
حســـن بلا تامل منبر تي چڙهي خرمايو بعد حمد ثنا الٰهي
درود حضرت محمد مصطفٰي صلي الله عليه وسلم تي پڙهي
هڪ خطبه فصيح بلغي پورو ڪيو جهن جي ٻڌڻ سان حاضرين
مجلس سنگ دل روئڻ لڳا بعد ۾ فرمايائون ايهناس مان بهترين
تقوا ۽ پرهيزگاري جو مالڪ آهيان جيڪڏهن هن توهان ڪٿي
به ڳوليند ته مان جهڙو مرد توهانکي نه ملندو جو مهنجو نانو
رسول خدا ۽ بابو علي مرتضٰي آهي مهنجي ماءُ فاطم زهرا
نياڻي رسول خدا جي آهي مهنجي مٽل ۽ مهنجي ڀاءُ حسين جي
مٽل توهانکي نه ملندو رسول خدا توهان کي هدايت ڪئي ۽
اسان جون توهان کي پارتون ڪيائين پوءَ توهان دست بردار ٿي

ويو جهن امر تي مان مخصوص ٿيـــس ۽ جهنجو مان سزا وار

هوس پوءَ معاويه کي شيطان بگيڙ يو پوءَ مان پهنجو يار ۽

دوست نه ڏٺـــــو سڀ مون کان بيعت ٽوڙي پڇي ويا مان سمجهو

ته مان ڪنهن جي مدد کان سواءَ بيگناه خونريزي کان مان دست

بردارٿي ويس اي لوڳو اي انسانو توهان اهڙي طرح بيعت ڪئي

هئي ته جهن سان توهان صلح ڪندءَ انسان سان به صلح ڪندا

سون جهن سان توهان جنگ ڪندءُ ان سان اسان به جنگ ڪندا

سون مگر توهان واعدي خلافي ڪئي توهان هن ڳالهه جو خيال نه

ڪجو جو مان اهڙي شخص کي خلافت ڏني آهي جو هو ان جي

لائق نه آهي مان انهيءَ ۾ بهتري ڏٺـــي نه ناحق خونريزي امت

جي ٿئي ها ان وقت تائين خاموش آهيان جيستائين خدا وند ڪريم

حق کي آٽي ۽ ان جي اسباب کي لهيا ڪري امام حسن عليه سلام

اهيا تقرير اجان پوري نه ڪئي ته معاويه امام حســن عليه سلام

کي چيو ته بس ڪريو چوڻ توهان جو ڪافي آهـــي بس جهن

وقت معاويه مري ويو ته هن پهنجي جئريئي يذيد بد بخت کي تخت

نشين ڪيو هو يذيد پيءُ جي مرڻ کان پوءُ هڪدم حضرت امام

حسين ڏانهن پيغام موڪليو هن سمجهو ته جهڙي طرح امام حسن

عليه سلام معاويه سان صلح ڪيو هو اهڙيطرح امام حسين به

مون سان بيعت ڪندو امام حسين اهڙي فاجر فاسق سان ڪيئن

ٿو بيعت ڪري يذيد جي هيءَ ڪيفيت هوندي هوئي جو ڪتن سوئرن جو شڪار پتن جوا ڏاري راند ڪرئڻ عورتون اگهاڙيون ڪري انهن کي نچائڻ ۽ راڳ ڪرائڻ شراب پيڻ پيارڻ ماءُ پيڻ جي شناس نه رکڻ اهيا سندس بيڪار عادت هئي وري خانه ڪعبه ۾ ڪوهه ابو قبليس ۾ خيمان نصب ڪرائي تقرير پڻ مهينن تاءِ پٿر اڇلرايا جهنجي صدمه کان سوين جانيون ضايع ٿيون ۽ جاءَ بجا خانه ڪعبه جون پتيون ٽٽــــي پيـــون لڪيل آهي انهين زمانه ۾ ڪعبته الله تي يذيد پليد پٿرن جو ميهن وسارايو هو خبر يذيد ملحد واصل جهنم ٿي ويو يذيد جي زمانه ۾ کهڙيون کهڙيون بدعتون رائج هينون پوءَ اهڙي فاسق فاجر سان امام عالي مقام ڪئين بيعت ڪري سگهي ها امام حسين عليه سلام حمايت دين جي نه ڪري هاته اڄ اسلام نه رهي ها شريعت نبوي گم ٿي وڃي ها سواءَ ڪفر ۽ ضلالت جي نه رهي ها هي سڀ سندس حمايت دين ۽ شهادت جو سبب هو ۽ عادل پرست ماڻهو مثلا مختار وغيره پي ان وقت فورن نندڊ ۾ هئا حضرت امام حسين پهنجي راءِ سان ڪوفه وڃڻ جو ارادو نه ڪيو هو بلڪ ڪوفي جي ماڻهن خطن تي خط عريضن تي عريضيون موڪليندا ويا ته يا امام حسين اي ابن رسول الله توهان هيڏ انهن اچو جو اسان

توهان سان بيعت ڪندا سي داود ابي هنده لکيو آهي ته چاليهن

هزارن امام حسين جي گهرائڻ جا خط لکيا ته جيڪو توسان جنگ

ڪندو تهن سان اسان به جنگ ڪندا سي جهن توهان سان

دوستي ڪئي ان سان به دوستي رکندا سي بلڪ ابن نما لکيو

آهي ته انهن ماڻهن ايستائين مبالغ ڪري لکيو ته اسان هڪ لک

کان زياده توهانجي حمايت ڪندا سون ۽ هي جو خط امام پاڪ

ڏانهن لکيا ويا هئا جيڪي امام جي خدمت ۾ پهتا هئا اهي يذيد

جي تخت نشي کان اڳم معاويه جي وقت فرمان ۾ هي خط جاري

هئا حضرت امام حسين ان زمانه ۾ بوقت مناسب واعدو ڪندا آيا

جڏهن معاويه مري ويو پوءَ امام جي گهرائڻ ۾ ڪوفه وارن خطن

تي خطن تي خط شروع ڪري ڏنا جو ٻارهن هزار خط امام جـــي

خدمت ۾ پهتا جڏهن امير مسلم جي موڪلڻ وقت امام کي معلوم

ٿيو ته ارڙهن هزارن ماڻهن امير مسلم جي بيعت ڪئي آهـــي

حضرت امام ان کان ڪوفه وڃڻ جو ارادو ڪيو منزلن تي
منزلون طئي ڪندي راه ۾ امير مسلم جي شهادت جي خبر

معلوم ٿين امير مسلم جي شهادت کان پوءَ امام پاڪ کي
يقين

ٿي ويو ته ڪوفه وارا دغا باز دشمن آهن حضرت عبد الله
ابن

عباس محمد حنفيه عليه سلام منح ڪرڻ فرمائي ته يا امام

هاڻي ڪوفه نه وڃون ۽موٽي مدينه هلو امام فرمايو اي عبد

الله اي ادا محمد حنفيه مان موٽي به هلان پر مونکي هي

قرباني ڪٿي ڏيڻي پوندي ۽ ناني جو دين ڪٿي بچائڻو پوندو

آخر حر جي لشڪر انهين امر ۾ منح ڪئي ته توهانکي پٺتي
موٽڻ هرگز نه ڏيندا سون حضرت امام ڪين چيو ته مڪه
پاڪ يا ٻئي ملڪ دور دراز ڏانهن وڃان جي اهيو به منظور
نه اٿو ته يذيد ڏانهن وڃي هلو مگر حر جو لشڪر ڪنهن
ڳالهه تي راضي نه ٿيو ڪنهن به طرف امام پاڪ کي وڃڻ نه
ڏنائون امام پاڪ لڙائي اڳرائي ڪرڻ مناسب نه سمجهو
حضرت زهير بن قين اٿي عرض ڪيو ته يا ابن رسول الله
اسان کي اجازت ڏيو ته هنن ماڻهن سان لڙائي ڪري دفعه

ڪري ڇڏيو هينر لڙائي آسان آهي امام عالي مقام فرمايو ته

زهير مان لڙائي ۾ اڳرائي ڪرڻ محروم سمجهندو وآهيان ۽

جڏهن حضرت امام حسين با الفرض يذيد جي بيعت به ڪٽي

ڪري ها ته به امام پاڪ کي جيئرو نه ڇڏي ها جهڙيطرح

پاڻ حضرت محمد حنفيه پهنجي ڀاءُ کي فرمايو ته ادا

جيڪڏهن مان ڪنهن ڪئلي جي سوراخ ۾ لڪي ونجان ته

به بني اميه اتان به ڪڍي قتل ڪندا خيال ڪريو يذيد جي

دشمني جو ۽ حَقيقت ۾ جيڪڏهن يذيد کي صرف بيعت کي

ونڻ جو مقصد هو ته امام عالي مقام جي شهادت کان پوءَ حرّ

محترم کي تڪليف نه ڏئي ها انهن کي مبررهنم نه ڪرائي ها

ڪوبه دقيقو اهلبيت جي تڪليف ۽ ذلت ۾ باقي نه ڇڏيو لڪيل

آهي ته جڏهن عمر سعد ملعون مثال ڪافرن ترڪ ۽ ديلم جي

اهلبيت پاڪ کي قيد ڪرايو ۽ شهر به شهر فرايو ۽ پوءَ

جڏهن شهر شام ۾ قيدن جو قافلو پهتو ته يذيد ملعون انهن

قيدن کي انهين خراب قيد خاني ۾ بند ڪرايو جهن ۾ ترڪ

مجوسي ۽ يهودي ۽ اهڙا بيا ڪافر قيد ٿي ايندا هئا ۽ انهن

کي ماڻهون پانهين جي خريداري لاءَ گهرن مان نڪري پيا

عبدالله نالي هڪ شخص ويجهو وڃي قيد خاني ۾ هڪ

صاحبزادي ڇهن ورهن جي کي پسند ڪيو موٽي وڃي پهنجي

عورت سان وڃي صلاح ڪيائين ته يذيد جي قيد خاني ۾

ڪيتريون پانهيون قيد ٿي آيون آهن جهنجي صورت سيرت

نوراني آهي جو مان اهڙا ماڻهون نور سان پرپور نه ڏٺا

آهن ۽ مان سمجهان ٿو ته هي خاندان سلا طين يا مقرب

ملائڪ آهن مجوسي ديلم يا ڪافر نه آهن سو مان چوڪري

مٿي پيرن اگهاڙي مٿي جي وارن سان منهن ڍڪيل ميرا

ڪپڙا گريبان فاٽل مٿي ۾ مٽي ۽ خاڪ اٿس ۽ بابا ٿي ڪري

مونکي پسند آئي آهي زال ڪي چيائين ته اها وجي ڏسي اچ ۽

پسند ڪري اچ ته خريد ڪريون جڏهن عبدالله جي زال بيبي

پاڪ زينب صلوت الله جي ويجهو وئي ۽ چياءَ ته اي بيبي

جيڪڏهن گناهن معاف ٿئي ته عرض ڪريان بيبي زينب

فرمايو ته چئو هن چيو ته توهان سان هڪ چوڪري چئن

پنجن سالن جي آهي اها ڪٿي آهي مونکي ڏيکاريو پهر ياءَ

مان پسند ڪريان ته پوءَ قسمت طئي ڪريون حضرت

سڪينه هي ٻڍي پهنجي پيءُ جي سر منبارڪ ڏانهن پگي

اتي زمين تي ڪري پار ڪيڻ لڳي يا ابتاه الان لڪندا تبا

تلڪ يعبن ڪا اتردڪ ولد يلم بايدي اهل جفا يعني اي بابا هي

انقلاب زماني جو ڏس جو تهنجي ڏيئر ۽ نياٹيو اهل شام وارا

دليم ۽ بيا ڪافر سمنجهي خريد ڪرڻ آيا آهن راوي ٿو چوي

ته هي ٻڍي جناب زينب صلوت الله جو تاب ضبه باقي نه رهي

سگهيو فرمايائين اي مائي غافل چپ ڪر خدا جي غضب کان

ڏج جو آل رسول ﷲ ٻانهپ ۾ نه ٿي وجي سگهي هن مائي چيو

ته اي بيبي تون هي ڇاٿي چوين خدا جو نالو ٿي مونکي جلد

ٻڌا ءَ ته توهان ڪهڙي پيغبر جي اولاد آهيو حضرت زينب

روئي فرمايو ته اي مائي مان توکي ڪهڙي منهن سان ٻڌايان

اي مائي مان ذي فاطم زهرا جي ؑ ڌوهي محمد مصطفٰي جي

نياڻي علي مرتضٰي جي آهيان ؑ هي نيگر حسين ابن علي جي

آهي هنجو نالو سڪينه آهي خاتون جنت جي پوٽي آهي هاءَ

هاءَ مان هن خراب قيد خانه ۾ قيد ڪئي وئي آهيان هي ٻڌي

اها مومنياڻي پهنجو سر منهن پٽڻ لڳي حضرت زينب جي

قدمن منبارڪن تي سر رکي چوڻ لڳي ته اي آقا زادي مونکي

خدا ڄاڻي انهين حادثي جي مطلق خبر نه آهي ته توهان

رسول ﷲ جي آل هت قيد ٿي آيون آهن حميد راوي ٿو چوي

ته قسم خدا جو آهي اهو ڏيهن مونکان نٿو وسري اهو ڏيهن

ته جڏهن جسم حسين مظلوم جو گهوڙن جي ڊوڙا سان پائمال

ٿي ٿيو منقول آهي ته جڏهن اميرا لموئمنين علي المرتضٰي

جنگ نهرواڻ کان فتح ڪري موٽيا ان وقت شمر ملحد کي
گرفتار ڪري زنجيرن ۾ قابو ڪري طنبن جي قنات سان ٻڌي
ڇڏيو هئا ئون هي ملعون ان وقت ڏاڍو اڃــو هو ۽ هڪ
هڪ ماڻهون کان پاڻي گهرندو رهيو مگر هن کي ڪنهن به
پاڻي نٿي ڏنو انهين اثنام اتان امام حسين عليه سلام اچي
لنگهيو شمر عرض ڪيو ته يا امام حسين مون ڏاڍو اڃو
آهيان هڪ جام پاڻي جو مون کي پياريو ۽ پهنجي پيءُ علي
مرتضٰي وٽ پهنجي شفارش ڪريو ۽ آزاد ڪرايو هي ٻڌي
ابن ڪريم ابن ڪريم هن ملعون وٽ وڃي فورن هن کي آزاد
ڪري ڇڏيو ۽ هنکي لذ يذ ڪاڏو پيتا ڏئي مٺا شربت
پياريائون امام فرمايس ته اي شمر هن مهنجي احسان کي نه
وسارجان افسوس صد افسوس عاشور جي ڏيهن جڏهن امام
پاڪ گهوڙي تان زمين تي ڪريا ته اهو شمر ملعون ولد زنا
خنجر هٿ ۾ کڻي امام جي سيني پاڪ تي چڙهيو ۽ وڏي بي
ادبي جو قصد ڪيائين زمين آسمان جنبش ۾ اچي ويا انوقت
امام کيس چيو ته اي شمراهو ڏيهن توکي ياد آهي جو جهن
ڏيهن زنجيرن ۾ جڪڙيل هئين مان توکي آزاد ڪري مٺا
شربت ۽ ٿڌا پاڻي پيار يا هئا هئينر مون کي پاڻي جو ڇڪو

پيار جو مان ڪيترن ڏيهن کان مان اجو آهيان جو مهنجي

زمان خشڪ ٿي وئي آهي پيو ته مونکي اهڙي جاءَ تي

شهيد ڪر جو مونکي پهنجي پيڻ زينب ۽ ڪلثوم ڪسندو

نه ڏسن جو هت طنبو سامهان آهن ۽ بيا اهل قتل ٿيندو نه

ڏسن آخر ان ملعون هڪ ڦڙو پاڻي جو به نه پياريو ۽

حضرت حسين کي ايتي شهيد ڪيا ۽ اهيو ڏسي اهل حرم مٿي

۾ خاڪ وجهي طنبن مان پاهر نڪري پيون جناب زينب اڳتي

وڌي شمر کي چيو ته اي ملعون ايتري مهلت ڏي جو مون
پهنجي پاءُ جي هٿان چادر وچايان اي شمر مان پهنجي پاءُ

چچان ته اسان کي هن پرديس ۾ ڪنهن جي آڌار ٿا ڇڏيو

مگر هن ملعون ڪجھ به نه ٻڌو ۽ سر حيسن جو وڏي نيزي

تي نصب ڪيا ۽ لڪيل آهي ته جڏهن اهل حرم قيد ٿي يذيد

جي دربار ۾ داخل ٿيا ته شمر سر پاڪ اما م جو يذيد جي

اڳيان پيش ڪيو اهو شقي فخر سان شمر پهنجي تعريف

۾ پڙهيو يعني شمر اهڙي ته نبي جي فرزند کي قتل ڪيو
آهي جو هن جهنان ۾ بهترين پيو ڪونه آهي ۽ انکي ٿن ڏيهن جي

اج بک ڏئي شهيد کيو اٿم جو ناني ۽ پيءُ ۽ ماءَ ڏانهن وڏي

مرتبي وارو هو جهنجو حسب نسب عالي والا نسب انکانپوءَ

ان ملعون علي المرتضيٰ جي نياڻن کي يذيد جي اڳيان پيش

کيو انهن پاک بيبن جو لباس مٽي سان ميرو ٿيل هو منهن
منبارک تي مٽي پيل هوئي يذيد کي اهيو گمان هو ته هي
اهل

حرم جون ٻانهيون آهن شمر کي چياءَ ته پهريائين تو مهنجي

اڳيان نوز بلله ٻانهيون پيش کيون آهن علي ۽ فاطم جو

نياڻيو کٿي آهن انهن کي چو نه ٿا آڻين هن ملعون چيو ته

هي سپ علي ۽ رسول ﷲ جون نياڻيون آهن اهي ٻانهيون نه

آهن اي مومنو اهلبيت جي نه سڃاڻڻ جا کيترا سبب هوا جو

يزيد کي گمان هو ته هي ٻانهيون آهن ۽ ٻانهيون قيد ٿي آيو

آهن اول هي سبب هو جو کربلا کان کوفه تائين کوفه
کان

شام تاءَ سپ اهل حرم مٿي اگهاڙيو ن آيون هينون سج جي

تپش سبب چهرن جو رنگ بدلجي ويو هو ساري مسافري

جي مٿي وارن ۽ جسم ۾ جمي وئي هوئي ٻيو سبب هي هو ته

رستي ۾ کوچچندو هو ته هي کير آهن ته هي ملعون نيزي

اهلبيت جي شآن ولين جي زبان

جي جھنب ھٽي چوندا ھئا ته ھي رسول ﷲ جون ڌوھٽيو ۽

علي جو ڏئير آھن انھن صدمن کان ساري منھن جو رنگ

بدلجي ويو ھو ۽ جسم ڦتجي ويو ھو ٿيون سبب ھي ھو جو
ان ڏيھن منادي ڪرائي وئي ته اڄ دربار خاص و عام آھي

۽ حسين جي شھادت جي خوشي ملھائي ٿي وڃون سڀ

ماڻھون اچي منبارڪ ڪون ڏين ايتري قدر ته تماشائي

ماڻھون اچي گڏ ٿيا جو يذيد جي دربار ۾ ھنگامون ھو ۽ انھن

تماشائن جي اونداھي چائجي وئي ھئي جو چڱي طرح اھل

حرم ھڪ ٻئي کي ڏسي نٿي سگھيا لڪيل آھي ته يذيد جي
پاسي ۾ تخت تي انجي ڌي وٺي ھوئي انھين يذيد کي چيو ته

اي يذيد ھي چوڪري جو مھنجي عمر آھي اھا مونکي ڏي

جو مان ان کي ٻانھين ڪيان ھي ٻڌي سڪينه حضرت زينب

کي چيو ته اي ڦڦي خدا جي وسطي مون کي يذيد کي نه ڏجو

۽ روئڻ شروع ڪيائين ۽ گھڙي گھڙي پھنجي بيمار ڀاءَ سيد

ساجدين جي منھن ڏانھن ڏسي روئي رھي ھوئي ڀاءُ کي
چوڻ

لڳي ته اي ادا مونکي يذيد جي ڌيءَ ٻانھي ڪرڻ لاءَ طلب

ڪيو آھي ۽ پھنجي پيءَ جي سر منبارڪ ڏانھن جو يذيد
جي

تخت سامهون سون جي ٿالھ ۾ رکيو هو مخاطب ٿي چيائين ته

اي بابا توکان پوءُ اسان جو هي حال آهي جو تهنجي اولاد
کي ماٿهون ٻانهيون ٻڌائن جي گهر ٺاکن اي مهنجا بابا سکينه

کي ته پاڻ ڏي گهرائي وٺ يا مهنجي چاچي عباس کي موکل

نه ته مان مري ويندس مان هت ڏاڍيون تکليفون ڪاٽيان ٿي

اي بابا جهن مهل مون تولاءَ روئان ٿي ته شمر مونکي لڪڻ

هٽي ٿو مون کي مون تولاءَ روئڻ به نه ٿو ڏئي اي مهنجا

بابا تهنجا ڏنل در کنن مان چني ويو آهي اي مهنجا نونکي

شمر لڪڻ هنيان آهن هي ٻڌي سجي يذيد جي دربار جا ماٿهو

ٻچي ويا ۽ ڏکڻ لڳا يذيد اهو حال دربار جو ڏسي حکم

ڏنائين ته هنن قيدن کي قيد خاني جي اونداهين کوٺين ۾

بند کري چڏيو

لعنه الله يذيد و عليٰ قوم يذيد

مجلس تحفه يوسف

پانهون خدا وند تعاليٰ جو آهو آهي جيڪو خدا جي عبادت ڪري
ذڪر الهيٰ ۾ مشغول رهي پهنجي مالڪ حقيقي جي متامبعت
ڪري جيئن پهنجي ڪلام ۾ فرمايو اٿس ته ٿورو گناه به گھڻو
آهي ۽ گھڻو گناه به گهٽهو آهي انهي ڪري هر وقت پهنجي مالڪ
کي حاضر ناظر ڄاڻي ٻچڙن ڪمن کان پاسو ڪندا رهجو جو
شخص پيروي نفس اماري جي ٿو ڪري اهو انجام پشيمان ٿو
رهي جيئن حضرت يعقوب عليه سلام جي پٽن لاءَ ٿيو جيئن
پهريائين حضرت يوسف سان ڪيائون ان جي مخالفت ڪيائون
جڏهن حضرت يعقوب عليه سلام کان يوسف موڪلائيڻ لڳو
تڏهن سندس پيءُ حضرت يعقوب عليه سلام پهنجي پٽ حضرت
يوسف عليه سلام کي پهنجي هنج ۾ وهاريو آواز الفراق جو بلند
ڪيو ۽ ايترو رنو جيئن بهار جي موسم ۾ وڏڦڙو مينهن وسندو
آهي حضرت يوسف پهنجي پيءُ کان روئڻ جو سبب ڇچيو ته بابا
روئڻ جو ڇا سبب آهي حضرت يعقوب فرمايو ته ٻچڙا تهنجي جان
مان مون کي فراق جي بوءَ اچي رهي آهي اي پٽ مون کي نه
وسارجان مان تهنجي غم ۾ رهجي ويندس حضرت يوسف اهو لفظ
بابي کان ٻڌو سو پيءُ جا هٿ پير چمڻ لڳو ۽ پهنجي پيڻ کان

موڪلائڻ لڳو حضرت يعقوب پهنجي پٽن کي يوسف جي تمام

پارت ڪرڻ لڳو ته مهنجي يوسف جي پارت هجيو ڪاڏو پيتي

لاءَ حضرت يعقوب شيشا شربت جا هڪ مشڪ پاڻي جي ۽ حلوو

تيار ڪرائي پٽن کي ڏنا ۽ چيائينس ته جهن وقت يوسف کي

اڃ لڳي ته پاڻي پيارجوس بک لڳي ته حلوو ڏجوس حضرت

يعقوب کي پٽن ڏاڍي تسلي ڏيندا رهيا ۽ يڪدم يوسف کي ڪلهي

تي

ڪنيائون جهنگل ڏانهن رخ رکيا ئون حضرت يعقوب فرمايو ته اي

پٽوءُ جيستاءَ يوسف کي موٽائي نه آڻيندو تيستائين مان هي جاءُ

نه مٽيندس نه گهر ڏي ويندس هئين به پٽن کي چيائين ته مهنجي

يوسف کي آهسته آهسته وٺيون ونجو جو جيئن مهنجي نظر کان

يڪدم غائب ٿي نه وڃو جيئن مان پهنجي يوسف کي ڏسيندو رهان

انهي فرمان پڌڻ سان دلجاءَ ڏيڻ لاءَ ۽ يقين وهارڻ لاءَ هوريان

هوريان هلڻ لڳا ۽ حضرت يوسف کي ڪٽي ڪلهي تي ڪنيائون

جڏهن ٿورو پند ڪيائون ته حضرت يعقوب الفراق جو

نعرو بلند ڪيوءِ پٽن کي سڏ ڪري چيائين ته خدا جي نالي

مهنجي يوسف سان مون کي وري ملايو وري هڪ دفعوپيو

به يوسف مونسان ملاقات ڪري آخر پيءُ پٽ جي وري به م

ملاقات ٿي حضرت يوسف پيءُ کي دلجاءَ ڏئي پائرڻ سان جنگل

ڏانهن هليو افسوس پر سيد پاڪ امام حسين کان جڏهن شهزادو

علي اڪبر موڪلايو ۽ جنگ جي اجازت گهريائين سيد شهداءَ

موڪل ته ڏئي پر اهيا اميد نه هئي ته ڪو حضرت يوسف وانگر

علي اڪبر مون وٽ موٽي ايندو انصاف جي جاءَ آهي ته يعقوب
نبي خدا جو هو معلوم به ضرور هوس ته يوسف ملندو به ضرور

تڏهنهوندي ماڪيون شربت حلوا تيار ڪرائي پٽ کي ڏنا ئين ۽ پٽن

کي چيائين ته پنڌ به نه ڪرائيجوس مطلب ته هر طرح جون

ڪوششون ڪرڻ فرما يائون مگر سيد شهداءَ مظلوم ڪربلا نا

اميدي ۽ حسرت جي نگاه سان نوجوان پٽ ڏي ڏسڻ لڳو حضرت

ابراهيم عليه سلام جو پهنجي پٽ اسما عيل کي قرباني لاءَ وٺي

ويو ۽ انهي جاءَ وٽ پهتو تڏهن پهنجون اکيو قابو ٻڌائين ته جئين

پٽ جو واقعو اکين سان نه ڏسان اولاد جو واقعو نازڪ ٿيندو آهي

اولاد وارا اولاد جو اهنج نه سهي سگهندو آهي ڪتابن لکيو آهي
ته جڏهن شهزادو علي اڪبرموڪلائي ڪربلا جي پٽ ڏانهن هليو

حميد راوي ٿو چوي ته ان وقت مان عجيب قيامت ڏٺي ته علي
اڪبر جڏهن گهوڙي تي چڙهي هلڻ لڳو ته امام حسين بي تاب

شهزادي جي پٺيان ڊوڙندو ڏٺم شهزادو علي اڪبر جو منهن

ڦيري ڏٺو ته مهنجي گهوڙي پٺيان بابو تڪو تڪو اچي رهيو آهي

ته هڪدم واڳ ڦيرائي گهوڙي تان لهي پيءُ جي قدمن تي چميون
ڏيڻ لڳو امام عالي مقام پٽ کي فرمايو ته اي ناني بابي جا هم
شڪل جيستائين تون ڪارزار ۾ پهچين ته مونڏي ڏسندو وڃ ته
مان ڪا گهڙِي تهنجي ديدار جو دل کي آرام اچي اي صاحب اولاد
ان وقت امام حسين جو ڪجهڙو حال هوندو جنهن وقت ستم ظلم
سان سيني ۾ سانگ شهزادي کي لڳو ۽ گهوڙي تان
ڪري پيو پهنجي پيءُ کي سڏڪيائين يا ابتاه ادرڪني يعني اي
مهنجا بابا جلد خبر لهه علي اڪبر تهنجي قدمن تان سر ڏنو حميد
راوي ٿو چوي ته ان وقت مان ڏنو ٿي ته امام حسين بي تاب
ڪڏهن ميمنه لشڪر ڏي ڪڏهن ميسره لشڪر ڏي ڪڏهن قلب
لشڪر ڏي ڪڏهن جناح لشڪر ڏي گهوڙو ڊجائي رهيو هو ته
ڪيڏانهن به علي اڪبر جو آواز ٻڌڻ ۾ نه آيو ۽ پهنجي فرزند کي
سڏ ڪري رهيو هو راوي ٿو چوي امام حسين کي علي اڪبر جو
آوازنه مليو ته قسم خدا جو امام جي بي تابي وڌي وئي حضرت امام
آه زاري شروع ڪئي ان وقت علي اڪبر جي گهوڙي کي هاتف
ٿيو ته امام حسين جي گهوڙي جي استقبال تي وڃ ۽ امام حسين کي
علي اڪبر جي لاش تي وٺي وڃ هڪ دم گهوڙِو اچي امام حسين
کي وٺي ويو حضرت امام حسين لاش جي ويجهو وڃي ڏٺو ته

شهزادي اعلي اڪبر ڪي سيني ۾ سانگ جو ڦــر لڳل آهي آهو
منافق ڪڍيو بي به آهي انهين لاءَ ته ڏسان ته امام حسين ڪي
ڪيترو صبر آهي اهو حال ان وقت جو اهيو هئو جو هڪ پيءُ
کي خبر ٻي ڦقين کي زارثي رنائين ۽شهزادي اکيون پٽي امام حسين
کي فرمايو ته اي بابا سائين آءُ توهان کي وصيت ٿو ڪريان ســا
ضرور پوري ڪجو اها هي آهي ته مهنجي ڦڦي زينب خاتو ن
مونسان تمام محبت رکندي آهي جڏهن مهنجي شهادت جي ڳالهه
ٻڌندي ته تنبوءُ کان ٻاهر نڪري ايندي تنهن ڪري ان جي پردي
جو پورو خيال رکجو ائين ٿيو جئين توهان کي خبر آهي حميد
راوي ٿو چوي ته مان ڏٺو ته سر پرده دولت سرا مان فخر جنت
ڪريمته يعني هڪ معظم وڏي شان واري بيبي تنبوءَ کان ٻاهر
نڪتي جهنجو چهره شڪل منبارڪ مثال سج جي هوئي ماٺهون
سپئ بيهوش ٿي ڪري پيا يعني بيبي زينب خاتون جنت پائٽي جي
شهادت جو ٻڌي وئي يعني ٻنهي ڪنن منبارڪن مان در هلندا رهيا
ٿي ۽ چادر سر منبارڪ تان لهي هيٺ زمين تي گهلبي آئي ٿي ۽
بيوس پهنجي پائٽي جي لاش مٿان ڪري پئي حميد راوي ٿو چوي
ته امام حسين يڪدم ڊڪي اچي پهنجي عبا بيبي پاڪ جي سر
مبارڪ تي رکي ڇڻ امام پاڪ کي پهنجي فرزند علي اڪبر جي

شهادت ئي وسري وئي پوءَ بيبي پاڪ جي پرده ۾ مصروف ٿي

ويو قسم ڏئي سمجهائي پهنجي پيڻ کي طنبوءَ ڏانهن وٺي آيو

افسوس اهائي پاڪ زينب جنهن جي شان جي خبر الله پاڪ ۽ ان

جي رسول کي هئي جو سچ شرمائجي ويندو هو حضرت امام

حيسـن جي شهادت کان پوءَ بنا چادر ري ڪجاون اٺن تي سوار

کلي شهر به شهر ڦيرايون ويون ۽ دربار يذيد ملعون جي ۾ داخل

ٿيون انهن حال ۾ جو قيدن جاهٺ اڳيان ٻٽندا آهن پر هي پٺيريون

ڳيچي سان ٻاهون ٻڌل هنيون برقع جي بجا وارن جي چادر منهن

تي هئي سارو ساٿ اهڙو قيدي هو ڪنهن جو شانو ٻڌل هو ڪنهن

جا زنجيرن سان هٿ پير جڪڙيل هوا ته ڪنهن جا رسن سان

اهلبيت جي شآن ولين جي زبان

بسم الله الرحمٰن الرحيم

جناب شهزادو علي اصغر چهن مهنين جو بي زبان جو سپني کان
ننيڙو هو مگر سيني ۾ دل رکندڙ هو جيڪڏهن ڪربلا ۾ شهزادو
قاسم عون محمد عباس علي اڪبر ٿن ڏينهن جا بکيا اڃا هئا تــه
انهن سان گڏ اهو معصوم پار مظلوم امام جي هر مصيبت ۾ برابر
جو شريڪ هو منقول آهي ته هڪ هڪ ٿي سڀ ساٿي شهيد ٿي
ويا ته مولا پاڻ ميدان ۾ آيو پهنجي اڪيلائي ۾ دل پهنجي تنهائي
تي بي چين ٿي ويس آواز ڏنائين ته آهي ڪو منهنجي نصرت مدد
لاءَ اچي هيڏانهن اهو آواز بلند ٿيو هو ته خيمن ۾ بيبن جي روئڻ
جو آواز آيو مولا گهبرائي خيمن ۾ تشريف وٺي آيو ۽ چيائينس ته
خبر نه آهي اڄ ڪان ڪوئي پار مري ويو آهي جناب زينب اڳتي
وڌي چيو هاڻي اڄايل علي اصغر اڄ ڪان اڪيون بند ڪيون پيو هو
ته جيئن توهانجو آواز ٻڌائڻ پهنجي پاڻ کي پينگي تان ڪيرائي
وڌائين پيءُ پهنجي پٽ کي پهنجي هٿن مبارڪن تي کيو ڏٺائين
ته چهررو لٿل چپ سڪل اکين جي پاهران سياه هلڪا پئجي ويا
هئا ۽ چيائين ته پٽ هل توکي پاڻي پيارڻ جي لاءُ دشمن جـــــي
سامهون کڻي هلان شايد اهي پهنجي اکين سان حالت ڏسي رحم
کائين ۽ پاڻي پيارن ۽ اهو چئي نندڙاي معصوم کي عبا جي سائي

۾ ڪنيوءَ ميدان ۾ اچي هڪ مٿاهينءَ تي بيهي چيائين هاڻي عبا هٿائي

ته هڪ بيڪس جي هٿن ۾ ڇهن مهينن جو ٻار ڏسڻ ۾ آيو مولا علي

اصغر جو چهرو فوج دشمن جي طرف ڪيو ۽ فرمايائين ته ا ي

سپاه ڪوفي شام جيڪو هن توهان جي اڳيان جيڪڏهن حيسن خطا

ڪار آهي ته هن ننڍڙي معصوم ٻار توهانجو ڇا نقصان ڪيو آهي

اگر جيڪڏهن هن کي پاڻي جو هڪ ڍڪ ملي سگهي ته هي زنده

رهي ان کان پوءُ مولا معصوم ٻار جي طرف ڏٺو ۽ چيائين اي

منهنجا لعل ذراهن سنگ دل رحم تي هجت تمام ڪيو هيڏانهن پيءُ

جي وات مان لفظ نڪتا اچ جي شدت کان زبان ٻاهر ڪڍي اهـــو

منظر ڏسندي ئي پهنجي اولاد وارن گريبان پڪڙيا ۽ هر هنذ روئڻ

جا آواز بلند ٿيا پهنجي فوج جو هل ٻڌي پسر سعد آواز ڏنو اي حر

ملا ڇا ڏسي رهيو آهين جلد حسين جي ڪلام کي ختم ڪر بس

ڇا هو جو قيامت آئي زهر ۾ ٻڏل ٽن نوڪن وارو تير اچـــي بازو

حيسن کي چيريندو ڳلي علي اصغر جي ۾ پوبندي ٿي ويو تير

جي لڳندي ئي خون جا ڦوهارا نڪتا ننڍڙي معصوم ٽن ڏيهن جي

اجايل ۾ ڇا پڇيو هوندو اتي ئي پهنجي پيءُ جي هٿن ۾ ليٽي پيو

ٿڪل ۾ اجايل پيءُ هٿن تي خون وهندو ڏسي ميت کي خيمن ۾

ڪٽي آيو در خيمي تي پهچندي ئي قدم رڪجي ويا افسوس جو

جڏهن هتان ڪٽي ويس ته زنده هيو مگر موٽيو آهيان ته خون

ڀڙل لاش ڪٽي آيو آهيان رباب اهو غم ڪيئن برداش ڪري

سگهندي ست دفا خيمي جي در تي آيا ۽ موٽيا هڪ دفعو سڪينه

جي نظر پئجي وئي اڳتي وڌي چيائين بابا مهنجي ڀاءُ ڪي ڀاڻي

پياري آيا آهيو مان اجايل رهجي ويس امام عالي مقام عبا هٽائي

سڪينه جي اکين جي اڳيان علي اصغر جو ميت هو پيڻ رڙ ڪري

زمين تي ڪري پئي ۽ خيمن ۾ قهرام برپا ٿي ويو رباب اڳتي وڌي

پهنجي لعل جو ڳلو ويڍل ڏسي بيهوش ٿي وئي اي مهنجا ٻچڙا چا

تو جهڙا بي زبان شهيد ڪيا ويندا آهن ننيڙي تربت ڪٽي دل پرجي

ويس آواز ڏنائين ياعلي مدد ٿيءُ ۽ معصوم زير زمين تي دفن ٿي

ويو هاءُ چا عرض ڪيان جيستا ئين امام حسين زنده هو علـــــــي

اصغر قبر ۾ آرام ڪندو هو جڏهن امام حسين شهادت ٿي ۽ اڪيلو

رهجي ويو ظالم هٿن هٿن ۾ نيزا ڪٽي علي اصغر جي قبر ڪي ڳولڻ

لاءَ نڪتا جا ٿي مٽي جو ڍير نظر آين اتي نيزو هنيو ايتري ۾ هڪ

شڪي جي علي اصغر جي قبر تي نظر پيئس تڪڙم ويجهو پهتو ۽

سموري طاقت سان نيزو علي اصغر جي قبر ۾ هنيائين بس جيئن

ئي ان شڪي جو نيزو آيو رڳو نيزو ٻاهر نه آيو علي اصغر جي

ميت ٻاهر نيزي جي چوٽي ۾ نڪري آئي ۽ هن ملعون جوش ۾

ٺي نعرو هنيو ۽ معصوم پار جو سر نيزي جي نوڪ تي

بلند ڪيائين

لعنته الله يذيد وعلا قوم يذيد

حسين تيرے صبر کو جھک کر انبیا سلام کرتے ہین

بسم الله الرحمٰن الرحيمؕ

مجلس

نائين جي رات جيئن تيئن گزري رهي آهي نائين جو جڏهن صبح
ٿيو اهلبيتن ۽ حسيني اصحابن تي اڃ جو غلبو آهي پاڻي جي
کيڏانهن به سبيل پئدا نه آهي امام عالي مقام پهنجي قوت بـــا ز و
ساقي اهلبيت کي طللب فرمايـــو فرمايائين ته ادا پڻن اصحابــن
کي وٺـــي كـــوهي کٽي ڏسو شايد پاڻي ملي وڃي ته هي يتيم ٻارڙا
پاڻي پئن مو رخـن لکيو آهي ته پاڻي اٺين جي ڏينهن صبح جو بنــد
ٿيو نائين جو صبح غودار ٿيو ته ان وقت امام جي لشڪر ۾ پاڻـــي
مطــلـق ڪو نه هو اهلبيت ۽ حيسني اصحاب سخت پيا شـــا هـــئا
فرزند ساقيءَ ڪوثر جي خدمت ۾ حاضر ٿي اڃ جي فرياد ڪرڻ
لڳا حضرت امام حيسن ۽ حضرت عباس عليه سلام کي طلـــب
فرمايو حڪم ڏنائون ته پڻن اصحابن کي وٺـــي کوهي کٽو حضرت
عباس حڪم پڌڻ شرط نيزو هٿ ۾ کٽـــي هڪ طرف وياڪيترين
جايون ڏنائون ۽ ڪوشش ڪيائون مگر پاڻي نه مليو نيٺ هڪ هنده
نيزي جي اٽي سان کوهي کنيائون بيبي سڪينه ۽ ٻين ٻارڙن کـــي
ٻين ٻارڙن کي کوهي کٽڻ جي خبر پئي سوسڪل ٿانو هٿن ۾ کنـــي
العتش چوندا کوهي جي مٿان ويهي نوڙي پاڻي ڏسڻ لڳا هيڏان

ڪوهي ڪڇي ٿي هوڏانهن عمر سعد کي ڪنهن خبر ٻڌائي ۽ يڪدم
لشڪر دان اچي پهتو معصوم ويچارا دشمن جو ٻڌا يو ۽ هڪدم
لشڪر ڏسي خالي ٿانو ڪٽي طنبن ڏانهن وٺي ڀڳا عمر سعد جي
لشڪر اها ڪوهي پوري ڇڏي انهن ملعونن جي وڃڻ ڪان نپوءُ
حضرت عباس ۽ي ڪوهي ڪئين هن دفع اچا پار ظالمن جي پوءُ ڪان
نه آيا طنبن ۾ العتش جو داهون ۽ فريادون ڪري رهيا هئا عمر
سعد جي لشڪر اها ڪوهي به پوري ڇڏي آخر هڪ ٻئي ڀٽيءَ چار
ڪوهيون حضرت عباس ڪنيون جڏهن پنجين ڪوهي ڪنيائون ته انمان
پاڻي جي بر آمد گي جو موقع مليو فا ذا بلغ الماءَ جاءَت سڪينه
ومعها الرڪوه اهيو ڏسي سڪينه پاڻي جو ٿانوءُ ڪٽي ڪوهي مٿان
آئي چوڻ لڳي چاچا مونکي پاڻي ڏي ته مان ونجي اصغر ڪـــــي
پياريان جو مهنجو پاءُ ڏاڍو اڃو آهي فبڪا العباس بڪاءَ شديدا هي
ٻڌي حضرت عباس تمام رنو يڪدم پهنجي پائٿي کي پاڻي جو
ٿانوءُ پري ڏناءَ سڪينه اهو پاڻي جو ٿانوءُ ڪٽي دشمنن جي پوءُ ڪان
تڪڙو تڪڙو طنبن ڏانهن هلي فظل رجلها في الطناب فا نڪيـت
وقالت ياعمتاه ترا هذا ظالمن جي پوءُ ڪان جيئن سڪينه پاڻي تڪڙو
ڪنيون ٿي وئي ته اوچتو سڪينه جو پير طنبوءَ جي طناب ۾ وچڙي
ويو ۽ زمين تي منهن پر وڃي ڪري ۽ پاڻي وارو ٿانو هارجي ويو

ءِ وڏي ڏک سان روئندي پهنجي ڦڦي زينب کي چياءُ اي ڦڦي امان

هي ڏنو جو پاڻي هٿ ۾ اچي هارجي ويو فعند ذالک اغتم الحسين

غم شديده امام حسين اهيو حال سڪينه جو ڏسي ڏاڍو رنا فرمائون

امان سڪينه چاڪريون هي امتحان جون گهڙيون آهن جلد گزري

ويندون اسان راضي

لعنت الله يذيد وعليٰ قوم يذيد

حضرت عباس جو نهر فرآت تي قبصه

حضرت عباس عليه سلام کي جڏهن آخري دفعو بيبي سکينه
ٿن ڏيهن جي سڪل مشڪ آڻي ڏني ته چاچا سائين مونکي پاڻي
آڻي ڏي ته مان پهنجي ننڍي ڀاءُ علي اصغر کي به پياريان ۽ مان
به پيئان حضرت عباس امام حسين کان اجازت وٺي درياءَ فرات
جي طرف روانو ٿيو اهيا آخري موڪلاڻي هوئي جڏهن انهين جاءَ
تي پهتا جتي عمر ابن سعد لعنتي جي فوج چئين هزارن جو پهرو
هو اهي سڀ تيرانداز فوج هئي پاڻ هڪ ٽڪري جي هيٺان انهين
حال ۾ پهتا جتي چئني طرفن کان دشمن موجود هئا ۽ کين هڪ
ٽڪري اهڙي فرات ندي جي پهچڻ تائين حائل هئي جهنم چار هزار
جو نخوار دشمن هٿيان رن سان جڙيل هئا حضرت عباس پهچندي
هي شعر پڙيو جهنجو ترجو هي ڏجي ٿو يعني مان هڪ هدايت
يافته حسين جي ٻانهن مان آهيان الله ۽ انجي رسول جي دشمنن جو
دشمن آهيان مان توهان سان ايستاءَ لڙندس جسيتاءَ پهنجي سردار
جي جنگ کان باز نه ايندءُ مان عباس علي مرتضيٰ جو فرزند
آهيان جهنکي خدا جي طرف کان طاقت عطا ٿيل هئي ائين فرمائي
پهنجي اجين بڪيءَ گهوڙي کي جولان ڏي هوا وانگر اڏاري شير
يذدان جي فرزند ان مٿاهين ٽڪري ڏانهن رخ ڪيو هيڏهن هڪ

سيد هوڏاهن چار هزار تيرانداز آهن آخر هڪڙي حملہ سان
انهن نابڪارن کي تربتر ڪري ڇڏيائون سچي ڪچي پرگندا
ڪري ڪيترن مردودن کي في النار ڪري ڇڏايائون وڏن
بهادرن جون ڪو پريون آسمان تي ڪينهوڙن وانگر اڏا منديون
آسمان تي نظر اچي رهيون هيون فرات ڏانهن رسو صفا صاف ٿي
ويو انهين ٽڪري تي چڙهي وري بيو حملہ ڪيائون باقي رهيل
ڪافرفنا ڪري ڇڏيائون ان ٽڪريءَ تي قبضه ڪري فرات ڏانهن
رخ رڪيائون وري بي فوج اچي تيرن جو مقابلو ڪيو مگر انهن کي
به علي جي فرزند فنا ڪري ڇڏيو ايتري ۾ وري پنجن سون تير
اندازن اچي تيرن جو مينهن وانگر تيروسائيڻ ڪيا اهي بي علي
جي شير چچائي ڇڏيا انهن جي پچائڻ کئون پوءَ حضرت عباس
پهنجو گهوڙو درياءُ ۾ لاٿو گهوڙي کي فرمايو ته اي وفادار گهوڙا
تون پاڻي پيءُ ته مان مشڪ پري وٺان وفادار گهوڙي پاڻي ڏي
هيٺ منهن نه ڪري نه ڏنو ايتري ۾ دشمنن جي هڪ هزارتيرا
انداز ن وري حملہ ڪيو حضرت عباس درياءُ مان نڪري زبر
دست حملہ ڪري انهن کي به پچائي ڇڏيو تاريخن لکيو آهي ته
حضرت عباس اجا پاڻي کان ٻاهر ئي هيو ته ڏهن هزارن فوج جو
لشڪراچي ڪڙڪيو پهنجي پوري طاقت ڏيکاري رڻ لڳا ته

جيئن حضرت عباس درياءُ جو قبضه ڇڏي وجي مگر ان علي جي
فرزند ان لشڪر کي ته اهڙو خراب ڪري ڀڄايو جو آسمان مان به
مرحبا يا شير خدا جا آواز ٿي ٻڌا نيزي جي چوٽي سان فنا ڪري
ڀڄائي ڇڏياءَ هر طرف کان اهيا دانهن هئي ته الامان اسان کي
عباس ماري ڇڏيو اسان مري وياسون انهن جي ڪڍ پاڻ فرمائيندا
ويا انا عباس ابن علي ابن ابيطالب جو پوٽو آهيان حضرت عباس
جي اهيا مراد هئي ته هڪواري جئين پاڻي جي مشڪ مان حسيني
ٻلبن تاءَ پهچايان مورخن لکيو آهي ته هي وڏي ڀوڏو حملوحضرت
عباس جو هو ۽ عنقريب نهر فرات تي قبضه ڪري ويا هئا علي
جي فرزند فکشفهم عن الماء دشمن کي شڪست ڏئي درياء تان
ڀڄائي ڇڏيو ۽ پاڻ درياءَ فرات ۾ لهي پاڻي جي مشڪ ڀرڻ لڳا هاڻي
پاڻي ۾ بيٺا آهن سندن حالت ڪهڙي آهي اکين اڳيان رات زبان
منبارڪ تي اڄ جي خشڪي هجڻ لازمي امر هو حضرت عباس
خفر وفا پاڻي جو ٻڪ ڀري سڪن لبن تان پهچايو ئي ڪين ته
حسين ۽ ان جي ٻچن جي اڄ ياد اچي وين فذ کر عطش الحسين و ا
طفاله وعياله اهو ٻڪ پاڻي جو دريا ۾ ڦٽو ڪري فرمايائون ته اي
درياءَ خدا جو قسم آهي هي نٿو ٿي سگهي جو پاڻي پيئڻ ته درڪنار
پر مان چکي به نه ٿو سگهان چو ته حيسن جا ٻچڙا اجان آهن وري

پهنجي نفس کي مخاطب ٿي فرمايائون ته اي مهنجا اجا نفس هي
وڏي بري ڳالھ آهي جو حسين ۽ حسين جا پٽ اجان هجن ۽ پاڻي
تون پيئن اهڙي حالت ۾ جڏهن ته رسول جو فرزند امام حسين
پهنجي ٻچن سميت عراق جي سر زمين ۾ سر گردان پريشان ۽
اجو آهي مان توکي پاڻي جو هڪ ڦڙو به نه ڏيندس علام قزويني
ٿو فرمائي ته حضرت عباس اهو ٻڪ پاڻي وارو درياءَ ۾ اڇلي
ڇڏيو ۽ هي شعر پڙهيا تو يا نفس من بعد الحسين هوني فبحد ه
لا كنت ان تكوني هدا الحسين شارب المتوني وتشربين الماءَ
البار دميني هيهات ماهذا افعال ديني والا فعال صادق اليقيني
يعني اي نفس حسين کئون پوءَ تهنجي لاءَ ذلت آهي جو حسين اجو
هجي ۽ تون پاڻي پيئن حسين موت جو ڍڪ پري تون ٿڌو پاڻي
پئين سچي يقين رکڻ وارن جو اهيو ڪم نه آهي مورخن لکن ٿا ته
حضرت عباس پاڻي ۾ گهري پاڻي جو ٻڪ پري دشمنن کي
ڏيکاريو ته توهان هي سخت پهري هوندي به هي پاڻي مهنجي
قبضه ۾ آهي علي جو فرزند گويا نهر فرات جي ترائي تي پهنجو
قبضه ۽ پاڻ تي پهنجو قابو پائڻ ثابت ڪري ڏيکاريو
لعنت الله يذيد و عليٰ قوم يذيد